# حوصلو



شالني ساگر

# होसलो

शालिनी सागर

Shalini Sagar, a broadcaster with All India Radio for more than 3 decades (from 1980), born in Mumbai and obtained her primary education at shahdad kot (dist: Larkana Sind). She returned to India for further education thus experiencing the best of the both worlds and culture. Her diverse background and upbringing made her fall in love with sindhi Language, art, culture and traditions. She has been poetess, Writer, Social worker and popular broadcaster from young age. She has to her credit many features and plays which were highly appreciated by listeners of target area.

(1) She has contributed to words many different journals and magazines.
(2) She has to her credit audio-cassets lessons for Blind students in sindhi & Urdu Language. made for National Institute of visually handicapped, Dehradoon.
(3) She got an opportunity to compare national and international events and conducted program at Rashtrapati Bhavan.
(4) Presented different research paper at Delhi Sindhi Academy and NCPSL. Such as...
    (A) Contribution of Sindhi Woman in the field of art, culture, Literature and media (NCPSL & Maruee)
    (B) Role of Sindhi Woman in freedom struggle and progress in our country.
    (C) Sind Jun Boranu Randium (Children's games played in sindhi)
(5) Sindhi Lekhikaun ji Likhniyun main Aurat jo Samajik Pehlu. etc...

Literary Works, Her collection of short-stories was compiled in the book titled "TANHAEE". This book has been widely appreciated by readers and critics. Its reviews were published in diffrwnt sindhi newspapers (karachi and Heyderabad) and Hindvasi (mumbai) Delhi Sindhi Academy Conferred an award in excellence in fiction catgary for this book.

Transliteration of a book "kian-visaryan varichan."



# حوصلو

## ڪويتائون

**شالني ساگر**
ايڇ.اي. آڪاش ڀارتي اپارٽمينٽ
24-IP. Ext، دهلي-92.
(M) 9910149611
**Email: Shalinisagar22@gmail.com**



**HOSLO**
(Poetry)

Author :
**SHALINI SAGAR**

© with Author

Price : Rs. 175/-

First Edition : 2013

Copies : 500

Published by :
**SHALINI SAGAR**
H.a.Akash Bharti Aptt.
24, I.P.Ext. Delhi-92.
(M) 9910149611
Email: Shalinisagar22@gmail.com

Type Setting & Printed by :
**SCAN COMPUTERS**
3, Radheyshyam Apartment,
Patia, Naroda Road, Ahmedabad-382340.
Phone : 079-30246776 (M) 9327007002



www.sindhsalamat.com

# फ़हिरसत


- मुहागु VI
- पंहिंजे तर्फ़ां VIII
- अर्पण XIV

1. कूंजड़ी 2
2. जदीद दौर 4
3. रिश्ता 6
4. रिज़र्वेशन 8
5. सिंधू तुंहिंजा लाल अनेक 10
6. अखि ऐं कख जी गुफ़्तगू 12
7. बारूद जी बाहि 14
8. शाइर जो सफ़रु 16
9. मुंहिंजी माल्हा 108 दाणा 18
10. बाग़बान 20
11. सिंधू दरियाह 22
12. होलीअ जा रंग 24
13. चओपाल 26
14. पैसे ऐं रुपए जी गुफ़्तगू 28
15. टीट मकड़ो टीकम 30
16. माउ 34
17. सरहद जे हुन पारि भाउ खे पैग़ाम 36
18. दुरंगी दुनिया 38
19. परमहंस भारत 40
20. मां आज़ाद भारत जी नियाणी आहियां 42
21. आज़ादी 44
22. औरत 46
23. भारत माता 48
24. विरहाङे जो दर्दु 50
25. ओसीड़ो 52
26. कारी ककरी 54
27. सोनहरी सिजु 56
28. सिंधूअ किनारे 58
29. सुबुहु 60
30. हौसलो 62
31. महिफ़िल जो मोरु 64
32. रीसाड़ो गिदड़ 66
33. ख़्वाब ऐं तइबीर 68




# فهرست


- مهاڳ V
- پنهنجي طرفان VII
- ارپڻ XIII

1. ڪونجڙي 1
2. جديد دؤر 3
3. رشتا 5
4. رزرويشن 7
5. سنڌو تنهنجا لال انيڪ 9
6. اک ۽ ڪک جي گفتگو 11
7. بارود جي باهہ 13
8. شاعر جو سفر 15
9. منهنجي مالها 108 داڻا 17
10. باغبان 19
11. سنڌو درياهہ 21
12. هوليءَ جا رنگ 23
13. چئوپال 25
14. پئسي ۽ رپئي جي گفتگو 27
15. ٽيٽ مڪڙو ٽيڪم 29
16. ماءُ 33
17. سرحد جي هن پار ڀاءُ کي پيغام 35
18. درنگي دنيا 37
19. پرم هنس ڀارت 39
20. مان آزاد ڀارت جي نياڻي آهيان 41
21. آزادي 43
22. عورت 45
23. ڀارت ماتا 47
24. ورهاڱي جو درد 49
25. اوسيڙو 51
26. ڪاري ڪڪري 53
27. سونهري سج 55
28. سنڌوءَ ڪناري 57
29. صبح 59
30. حوصلو 61
31. محفل جو مور 63
32. ريساڙو گدڙ 65
33. خواب ۽ تعبير 67


www.sindhsalamat.com

# مُهاڳُ

’ڪويتا اُڌمن جو Overflow of emotions اِظهار آهي...‘ اَهڙي ڪنهن وصف جو ڌاڳو پڪڙي هلون ته، شالنيءَ هت پنهنجي اُڌمن جي ساگر مان لپ ڀري اکرن ۾ اوتي آهي. جنهن ۾ آڪروش به آهي ته آدرش به. طنز به آهي ته هاسيه به.

ڪويتا ۾ تراش ۽ رِياض کان ذري گهٽ بي خبر رهي به هن ’عورت‘ جهڙي بهتر رچنا ڏني آهي!

[... پر اَڄُ/سائنس جي تَرقِي/منهنجي جنس جو پتو لڳائي/مون کي/ڄمڻ کان اڳ ئي/ماريو آ!]

شايد سرلتا ۽ سهجتا جو پلئه پڪڙي هن پيچيدگين کان پاسو ڪيو آهي. پر پوءِ به هت سم-ويدنا جو سائونڊ ٻڌجي ٿو ۽ ڪٿي ڪٿي سهج ليه ۽ ليئو پائي ٿي وٺي.

هن عورت جي درد جي دانهن به درج ڪئي آهي ته طنز جي نوءَ ۾ مرد کي للڪاريو به آهي...

[...مون ئي توکي/جنم ڏنو آ/تون ڇا مون کي ڏيندين...]

[Reservation -ڪويتا]

جتي هر ٻوليءَ ۾ ”اَساڌارڻ“ ڪوي به ”ساڌارڻ“ ڪويتائون ڇوُٽ ۾ ۽ چپ-چاپ ڏيندا رهيا آهن- اُتي شالنيءَ مان اڃان به بهتر رچنائن جي اُميد اَوس رکڻ گهرجي.

-نامديو تاراچنداڻي



# मुहाग॒ु

‘कविता उधमन जो Overflow of emotions इज़्हारु आहे...’ अहिड़ी कंहिं वस्फ़ जो धाग॒ो पकड़े हलूं त शालनीअ हिति पंहिंजे उधमन जे सागर मां लप भरे अखरन में ओती आहे। जंहिं में आक्रोश बि आहे त आदर्श बि । तन्ज़ बि आहे त हासय बि।

कविता में तराश ऐं रियाज़ खां ज़रे घटि बेख़बर रही बि हुन ‘औरत’ जहिड़ी बहितर रचना ड॒िनी आहे !

[....पर अजु॒/साइन्स जी तरक़ी/मुंहिंजी जिन्स जो पतो लग॒ाए/मूंखे ज॒मण खां अगु॒ ई मारिया आ !]

शायद सरलता ऐं सहिजता जो पलउ पकड़े हुन पेचीदगियुन खां पासो कयो आहे। पर पोइ बि हिति सम-वेदना जो साऊंडु बु॒धिजे थो ऐं किथे किथे सहिज लय ऐं लीओ पाए थी वठे।

हुन औरत जे दर्द जी दांह बि दर्जु कई आहे त तन्ज़ जे नूअ में मर्द खे ललकारियो बि आहे....

[....मूं ई तोखे/जनमु ड॒िनो आ / तूं छा मूंखे ड॒ींदें....]

(कविता, रिज़र्वेशन)

जिते हर ब॒ोलीअ में ‘असाधारण’ कवि बि ‘साधारण’ कविताऊं छूट में ऐं चुपचाप ड॒ींदा रहिया आहिनि, उते शालिनीअ मां अञा बि बहितर रचनाउन जी उमेद अवसि रखणु घुरिजे।

-नामदेव ताराचंदाणी



www.sindhsalamat.com

# پنهنجي طرفان

ليکڪ هڪ تخليقڪار آهي، قلم ذريعي رچنا رچي ٿو. چترڪار رنگن سان چتر چٽيندو آهي، قدرت جي نظارن کي پنهنجي برش ۽ رنگن ذريعي چترن ۾ جان ڦوڪي ڇڏيندو آهي. جي منظر ڪشش پيدا ڪندا آهن. خالق ڪائنات خلقي آهي، اهڙي تہ خوبصورت دنيا جوڙي آهي، جنهن کي محسوس ڪندي سمجهڻ ۽ ڄاڻڻ جي ڪوشش ڪندا آهيون ۽ ڪلا ذريعي پنهنجي احساسن کي ڪنهن نہ ڪنهن ڪلا ذريعي ٻين تائين پهچائيندا آهيون. ليکڪ يا ڪوي لفظن کي پنهنجي انفرادي انداز ۾ پيش ڪندو آهي.

جهڙيءَ طرح دنيا ۾ الڳ الڳ رنگ نظر ايندا، اهڙيءَ طرح فن جا بہ انيڪ رنگ روپ نظر ايندا، چترن ۾ رنگ ڀري پنهنجي ڪلا جو مظاهرو ڪري ٿو. تہ ٻئي طرف اداڪار پنهنجي ادائگيءَ جي فن سان ڪردار ۾ روح ڦوڪي ٿو، ليکڪ ۽ ڪوي لفظن جي روپ ۾ پنهنجي رچنا ۾ آڪسيجن ڏيئي جان ڦوڪي ٿو.ڪهاڻي، ان طرح ڪويتا، مضمون ناٽڪ وغيره لکي ٿو. جنهن کي پڙهي ڪري پڙهندڙن جو الڳ الڳ ردعمل هوندو آهي، پاٺڪ ڪلندو بہ آهي تہ، دل ڇهندڙ رچنا تي ايمو شنل بہ بڻجي ويندو آهي. اهو سڀ سرسوتيءَ جي مهر سان ئي ٿيندو آهي. جڏهن وديا جي ديوي سرسوتي اچي واسو ڪندي آهي تہ قلم ازخود رفتار پڪڙيندو آهي. لفظ سٽن ۾ ۽ سٽون رچنا جو روپ وٺنديون آهن. ليکڪن ۽ ڪوين کي ٻڌو اٿم ۽ پسند بہ ڪيو اٿم. نہ معلوم اها پسند ڪيئن لکڻ جي شونق ۾ تبديل ٿي وئي. هرهڪ جي اندر ڪا نہ ڪا ڪلا هوندي آهي ڪويءَ جي ڪلپنا جي اُڏام جو ڪو انت نہ آهي. ڪيترن ليکڪن کي پڙهيو آهي. پر پنهنجي اردگرد ان طرح جو ماحول ملي تہ اُن طرح رجحان ٿيندو. گهر ۾ منهنجي وڏي ڀيڻ وينا شرنگي جي ڪهاڻين ڪويتا، سفرناما ۽ مضمونن جا ڪتاب بہ ڇپيل آهن. سندس رچنائن مونکي گهڻو متاثر ڪيو آهي، سندس پهريون ڪتاب ڪيئن وساريان ويڙهيچن جو مون ديوناگريءَ ۾ لپانتر



www.sindhsalamat.com

# पंहिंजे तर्फ़ां

लेखकु हिकु तख़लीक़कारु आहे, क़लम ज़रीए रचना रचे थो। चित्रकारु रंगन सां चित्रु चिटींदो आहे, क़ुदिरत जे नज़ारन खे पंहिंजे ब्रश ऐं रंगन ज़रीए चित्रन में जानि फूके छड्डींदो आहे। जे मन्ज़र कशशि पैदा कंदा आहिन। ख़ालिक काइनात ख़ल्क़ी आहे, अहिड़ी त ख़ूबसूरत दुनिया जोड़ी आहे, जंहिं खे महसूस कंदे समुझण ऐं ज़ाणण जी कोशिश कंदा आहियूं ऐं कला ज़रीए पंहिंजे अहिसासन खे कंहिं न कंहिं कला ज़रीअ ब्रियन ताईं पहुचाईंदा आहियूं। लेखकु या कवि लफ़्ज़न खे पंहिंजे इन्फ़रादी अंदाज़ में पेश कंदो आहे।

जहिड़ीअ तरह दुनिया में अलग़ु अलग़ु रंग नज़र ईंदा आहिन, अहिड़ीअ तरह फ़न जा बि अनेक रंग रूप नज़र ईंदा, चित्रन में रंग भरे पंहिंजे कला जो मुज़ाहिरो करे थो त ब्रिए तरफ़ अदाकारु पंहिंजे अदाइगीअ जे फ़न सां किरदार में रूहु फूके थो, लेखकु ऐं कवि लफ़्ज़न जे रूप में पंहिंजी रचना में आक्सीजन डेई जानि फूके थो। कहाणी, इन तरह कविता, मज़मून, नाटकु वग़ैरह लिखे थो। जंहिंखे पढ़ी करे, पढ़ंदड़न जो अलग़ु अलग़ु रदअमलु हूंदो आहे। पाठकु खिलंदो बि आहे त, दिल छुहंदड़ रचना ते इमोशनल बि बणिजी वेंदो आहे। इहो सभु सरस्वतीअ जे महिर सां ई थींदो आहे। जडहिं विद्या जी देवी सरस्वती अची वासो कंदी आहे त क़लम अज़ख़ुदि रफ़्तार पकड़ींदो आहे। लफ़्ज सिटुन में ऐं सिटूं रचना जो रूप वठंदियूं आहिन। लेखकनि ऐं कवियुनि खे बुधो अथम ऐं पसंद बि कयो अथम। न मइलून उहा पसंद कीअं लिखण जे शौक़ में तबदील थी वेई। हरहिक जे अंदर का न का कला हूंदी आहे कविअ जे कल्पना जे उड़ाम जो को अंतु न आहे। केतरन लेखकन खे पढ़ियो आहे। पर पंहिंजे इर्द गिर्द इन तरह जो माहोलु मिले त उन तरह रुझानु थींदो। घर में मुंहिंजी वड़ी भेण वीना श्रृंगीअ जे कहाणियुन, कविताउन, सफ़रनामन ऐं मज़मूनन जा किताब बि छपियल आहिन। संदसि रचनाउन मूंखे घणो मुतासिर कयो आहे, संदसि पहिरियों किताब 'कीअं विसारियां वेढ़ीचन' जो मूं देवनागरीअ में लिपांतरु

ٻه ڪيو آهي جنهن جو ٻيو ڇاپو سنڌ ۾ ڇپجي چڪو آهي، وينا جي هر وقت همتافضائي رهي جا قلم کڻڻ لاءِ اُتساهه به ڏياريندي رهي آهي.

منهنجون ڪويتائون ڪنهن نه ڪنهن گهٽنا سان جڙيل آهن. ڪا ڳالهه دل کي ڇهندي آهي ته هڪدم قلم کڻڻ تي دل آمادهه ٿيندي آهي. جيئن رزرويشن واري ڪويتا مون تڏهن لکي جڏهن هڪ سياسدان ٽي.وي تي انٽرويو ڏيندي چيو هو ته بل بحال ٿيڻ تي، عورتون ڪم نه ڪنديون. صرف حق وٺڻ لاءِ تيار رهنديون. جيڪڏهن کين رزرويشن ملي ته پوءِ ڪم ئي نه ڪنديون. مردن جي اها سوچ ڪيتري نه غلط آهي. دراصل عورتن ۾ مردن کان وڌيڪ سهنشيلتا آهي. اها قدرت طرفان عطا ڪيل نعمت آهي. هوءَ مختلف ڪردار بخوبي نڀائي سگهي ٿي. گهر، ٻار، آفيس وغيره. نازڪ جنس هئڻ جي باوجود وقت اچڻ تي پنهنجي طاقت جو مظاهرو بخوبي ڪري ٿي. ڇا تاريخ ۾ جهانسيءَ جي راڻيءَ جو ڪردار ڪنهن وير سپوت کان گهٽ آهي؟ ڪلهن تي ٻار کڻي بنا ڊپ ميدان جنگ ۾ ٽپي پئي. اها سندس اندروني شڪتي هئي جنهن وقت پوڻ تي هٿيار کڻڻ کان به کين ڪيٻايو.

عورت کي پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪافي آزمائش مان گذرڻو پوي ٿو. جنهن گهر ۾ جنم وٺي ٿي اهو اباڻو گهر ڇڏي شاديءَ بعد نئين ماحول ۾ رلي ملي وڃي ٿي. نئين ماحول ۾ ٺهڪائڻ لاءِ جستجو ڪري ٿي. منهنجي ڌيءَ چدمبرا جي شادي 29 نومبر 2012 ۾ ٿي. شاديءَ جي ٻئي ڏهاڙي مان جڏهن هن کي ودا ڪري رهي هيس. ته منهنجي اکين ۾ لڙڪ لڙي آيا. هيءُ ڪهڙو دستور پالي نپائي وڏو ڪيون ٿا ۽ گهر وڃي ٻين جو ٿيون وسائين، ان منظر منهنجي هٿ ۾ قلم کڻي. ڪونجڙي -ڪويتا لکڻ لاءِ آمادهه ڪيو.

منهنجو جنم آستان ڀلي ئي ممبئي آهي، پر مون جتي پنهنجو ٻالپڻ گذاريو سو آهي، شهدادڪوٽ ضلعو لاڙڪاڻو. سنڌ ڇڏي ڀلي ئي هتي هند ۾ رهي آهيان تنهن هوندي به دل ۾ اهو درد ضرور محسوس ٿيندو آهي ته پنهنجا اباڻا پڪا ڇڏي هتي آباد ٿيا آهيون. سنڌين جي دل ۾ اهو احساس رهي ٿو هيءَ ڪهڙو دستور جو سنڌ ڇڏڻي پئي. مونکي نارائڻ شيام جو شعر ياد ٿو اچي



बि कयो आहे जंहिं जो ॿियो छापो सिंधु में छपिजी चुको आहे। वीना जी हर वक़्त हिमत अफ़ज़ाई रही जा क़लम खणण लाइ उत्साहु बि ॾियारींदी रही आहे।

मुंहिंजूं कविताऊं कंहि न कंहिं घटना सां जुड़ियल आहिन। का ॻाल्हि दिल खे छुहंदी आहे त हिकदम क़लम खणण ते दिल आमादह थींदी आहे। जीअं रिज़र्वेशन वारी कविता मूं तड॒हिं लिखी जड॒हिं हिक सियासतदान टी.वीअ ते इन्टरव्यु ॾींदे चयो हो त बिलु बहाल थियण ते, औरतूं कमु न कंदियूं। सिर्फ़ हक़ वठण लाइ तैयार रहंदियूं। जेकड॒हिं खेनि रिज़र्वेशन मिली त पोइ कमु ई न कंदियूं। मर्दन जी इहा सोच केतरी न ग़लत आहे। दर असुल औरतुन में मर्दन खां वधीक सहनशीलता आहे। इहा कुदिरत तर्फ़ां अता कयल नहमत आहे। हूअ मख़्तलफ़ किरदारु बख़ूबी निबाहे सघे थी। घरु, ॿार, आफ़ीस वग़ैरह। नाज़िक जिन्स हुअण जे बावजूद वक़्त अचण ते पंहिंजी ताक़त जा मुज़ाहिरो बख़ूबी करे थी। छा तवारीख़ में झांसीअ जे राणीअ जो किरदारु कंहिं वीर सपूत खां घटि आहे। कुल्हन ते ॿारु खणी बिना डप मैदाने जंग में टपी पई। इहा संदसि अंदरूनी शक्ति हुई जंहिं वक़्त पवण ते हथियारु खणण खां बि कीन कीॿायो।

औरत खे पंहिंजे ज़िंदगीअ में काफ़ी आज़माइश मां लंघणो पवे थो। जंहिं घर में जनमु वठे थी, उहो अॿाणो घरु छडे॒ शादीअ बैदि नएं माहोल में रिली मिली वञे थी। नएं माहोल में ठहिकाइण लाइ जुस्तजू करे थी। मुंहिंजी धीअ चिदम्बरा जी शादी 29 नवम्बर 2012 में थी। शादीअ जे ॿिए ॾिहाड़े मां जड॒हिं हुन खे विदा करे रही हुयसि त मुंहिंजे अखियुन में लुड़िक लड़ी आया। हीउ कहिड़ो दस्तूरु ! पाले निपाए वडो॒ कयूं था ऐं घरु वञी ॿियन जो थियूं वसाईन, इन मन्ज़र मुंहिंजे हथ में क़लमु खणी कूंजड़ी-कविता लाइ आमादह कयो।

मुंहिंजो जनमु आस्थान भले ई मुंबई आहे, पर मूं जिते पंहिंजो ॿालपिण गुज़ारियो सो आहे, शहदाद कोट ज़िलो लाड़काणो ! सिंधु छडे॒ भले ई हिते हिंदु में रही आहियां, तंहिं हूंदे बि दिल में इहो दर्दु ज़रूर महिसूस थींदो आहे त पंहिंजा अबाणा पखा छडे॒ हिते आबाद थिया आहियूं। सिंधियुनि जे दिल में इहो अहिसासु रहे थो हीउ कहिड़ो दस्तूरु जो सिंधु छॾिणी पई। मूंखे नाराइण श्याम जो शइरु यादि थो अचे।



www.sindhsalamat.com

گنگا جمنا امرت امرت،
ليڪن ٿڃ تہ سنڌو آهي.
(شيام)

پنهنجي قلم جو هيءُ پورهيو. نهني نماڻي، مايناز شاعر پرڀو وفا کي ارپڻ ڪري رهي آهيان. جنهن جي شاعري نہ صرف دل کي ڇُهيو آهي. پر سندس شخصيت کان بہ متاثر رهي آهيان. لاڙڪاڻي جي سر زمين تي پيدا ٿيل نوڙت ۽ نياز جي مورت، هر ننڍي وڏي سان مٺ محبت سان ڳالهايو. ان کي ارپڻ ڪري رهي آهيان. جيڪو سنڌين جو شان هو. هوُ نہ صرف هِڪ شاعر پر هڪ مفڪر ۽ صوفي ويچار رکندڙ هو. شاعري صنف ۾ پنجڪڙا وفا جي دين آهي.

دل جي هر تار ڇڙي پئي،
رڳ رڳ ۾ گونج گهڙي پئي،
ڪو گهرو گيت هريت جو هو،
سڀ گيان ڌيان ٿئي ڦڪو لڳو.
(وفا)

مان پروفيسر نامديو تاراچنداڻيءَ جي بيحد شڪرگذار آهيان، جنهن پنهنجي مصروفتين مان قيمتي وقت سيڙائي منهنجي همٿ افضائي ڪئي ۽ منهنجي پهرين ڪويتا سنگره -حوصلو تي نہ صرف پنهنجا عالماڻا رايا ڏنا پر تاثرات بہ لکي ڏنا. ڪويتا سنگرهہ پاٺڪن جي اڳيان پيش ڪري رهي آهيان اُميد آهي تہ پورهيو ٿاب پوندو.

شالني ساگر



गंगा जमुना अमृत अमृत,
लेकिन थञु त सिंधू आहे।
(श्याम)

पंहिंजे कलम जो हीउ पोरिहियो निहठे, निमाणे, मायामाज़ शाइर प्रभु वफा खे अर्पण करे रही आहियां. जंहिं जी शाइरी न सिर्फ़ दिल खे शुहियो आहे पर संदसि शख़्सियत खां बि मुत्तासिर रही आहियां। लाड़काणे जी सर ज़मीन ते पैदा थियल निवड़ित में नियाज़ जी मूरत, हर नंढे वडे सां मठ मुहिबत सां ग़ाल्हियायो। इन खे अर्पण करे रही आहियां। जेको सिंधियुनि जो शान हो. हू न सिर्फ़ हिकु शाइर हो पर हिकु मुफ़किर में सूफी वीचारु रखंदड़ हो। शाइरी संफ में पंजकिड़ा वफा जी देन आहे।

दिल जी हर तार छिड़ी पई,
रग़ु रग़ु में गूंज गड़ी पई,
को गहरो गीत हिरदे जो हो,
सब ज्ञान ध्यान थिए फिको लग़ो।
(वफा)

मां प्रोफ़ेसर नामदेव ताराचंदाणीअ जी बेहदि शुक्रगुज़ार आहियां जंहिं पंहिंजे मसरूफ़तियुन मां क़ीमती वक़्तु सीड़ाए मुंहिंजी हिमतअफ़्ज़ाई कई ऐं मुंहिंजे पहिरिएं कविता संग्रह 'होसलो' ते न सिर्फ़ पंहिंजा आलिमाणा राया ड॒िना पर तासरात बि लिखी ड॒िना। कविता संग्रह पाठनक जे अग़ियां पेश करे रही आहियां। उमेद आहे त पोरिहियो साब पवंदो।

शालिनी सागर



www.sindhsalamat.com

# अर्पना

पंहिंजे क़लम जो पोरिहियो निहठे निमाणे माएनाज़ शाइर प्रभु वफ़ा खे अर्पण करे रही आहियां जंहिंजे शाइरीअ न सिर्फ़ दिल खे छुहियो आहे, पर संदसि

शख़्सियत खां बि मुतासिर रही आहियां।

शान्ति सागर



# ارپنا

پنھنجي قلم جو پورھيو نھٺي نماڻي مايہ‌ناز شاعر پربھو وفا کي ارپڻ ڪري رهي آھيان جنھن جي شاعريءَ نہ صرف دل کي ڇھيو آھي، پر سندس شخصيت کان بہ متاثر رهي آھيان.

شالني ساگر



www.sindhsalamat.com



شالني ساگر پريو وفا سان گڏ



www.sindhsalamat.com

# ڪونجڙي

منهنجي گهر جي سونهن
منهنجي ڪونجڙي
منهنجي پيار ۽ پاٻوهه سان
اڄ ننڍي مان وڏي ٿي
جا اڄ پنهنجو گهر
وسائڻ لائق ٿي آهي
مان خوشي خوشيءَ سان
سنديس نئين جيون
جي شروعات جا
سپنا ڏٺا
سي سپنا
اڄ ساڪار ٿيا
ڪالهه تائين جا ڪونج
منهنجي گهر جي سونهن هئي
سا اڄ پنهنجي ولر کان وڇڙي
وڃي ٻئي ولر سان ملي
۽ ان ولر جي جهنڊ ۾
ائين رِلي ملي وئي
جو منهنجون آليون اکيون
ان ولر ۾
پنهنجي ڪونجڙيءَ کي
ڳولهڻ لڳيون
ڳوڙهن سان ڀريل
آلين اکين
منهنجي اکين تي
ڌنڌ جي چادر چاڙهي ڇڏي
۽ آهستي آهستي
ان جهنڊ ۾
منهنجي ڪونجڙي
وڃي ٻئي ولر سان
رلي ملي وئي
۽ آهستي آهستي
منهنجي اکين کان
اوجهل ٿي وئي.



# कूंजड़ी

मुंहिजे घर जी सूंहं
मुंहिजी कूंजड़ी
मुंहिजे प्यार ऐं पाबो॒ह सां
अजु॒ नंढे मां वडी॒ थी
जा अजु॒ पंहिंजो घरु
वसाइण लाइक़ु थी आहे
मां खुशी ख़ुशीअ सां
संदियस नईं जीवन
जे शुरूआत जा
सपना डि॒ठा
से सपना
अजु॒ साकार थिया
काल्ह ताईं जा कूंज
मुहिंजे घर जी सूंहं हुई
सा अजु॒ पहिंजे व खां विछिड़ी
वञी बि॒ए वलर सां मिली
ऐं उन वलर जे झुंड में
इएं रिलीमिली वई
जो मुंहिजूं आलियूं अखियूं
उन वलर में
पहिंजी कूंजड़ीअ खे
गो॒ल्हण लगि॒यूं
गो॒ढ़न सां भरियल
आलियुन अखियुन
मुंहिंजे अखियुन ते
धुंध  जी चादर चाढ़े छडी॒
ऐं आहिस्ते आहिस्ते
उन झुंड में
मुंहिंजी कूंजड़ी
वञी बि॒ए वलर सां
रिली मिली वई
ऐं आहिस्ते आहिस्ते
मुंहिंजे अखियुनि खां
ओझल थी वई।



www.sindhsalamat.com

# جديد دؤر

هيءُ ڪهڙو جديد دؤر آ
اڄ جو آدمي ڪيڏو نہ لاچار آ
خوف ۽ هراس ۾ جيئي رهيو آ
هيءُ ڪهڙو جديد دور آ
اڄ دهشتگرديءَ جو
رڪت بيج راڪاس
سڄي عالم ۾
خوف ۽ هراس جو
تانڊوُ نرتيہ ڪري رهيو آ
هيءُ ڪهڙو جديد دور آ
اڄ جو آدمي ڪيڏو نہ لاچار آ
سائنسي ترقي اڄ بڻي شراپ آ
اڄ انسان جي زندگيءَ جي
ڪائي قيمت نہ آ
اڄُ جو انسان ڪيڏو نہ لاچار آ
گوتم، نانڪ ۽ گانڌيءَ
جي سر زمين تي
خودڪش آتنڪوادي حملن

جي خوف وچان، اڄ جو آدمي
پنهنجي پاڇي کان بہ ڊڄي رهيو آ
اڄ جو آدمي ڪيڏو نہ لاچار آ
اڄ وري ڪنهن
اهنسا جي پوڄاري
گانڌيءَ جي ضرورت آ
مونکي پڪو وشواس آ
وٺي وري نئون جنم
اهنسا جو پوڄاري
ڪوئي گانڌي ايندو
هن جديد دور کي
آتنڪواد کان ڪندو آجو
هيءُ ڪهڙو جديد دور آ
اڄ جو آدمي ڪيڏو نہ لاچار آ



# जदीद दौरु

हीउ कहिड़ो जदीद दौरु आ
अजु जो आदमी केॾो न लाचारु आ
ख़ौफ़ ऐं हिरास में जीई रहियो आ
हीउ कहिड़ो जदीद दौरु आ
अजु दहशतगिर्दीअ जो
रक्त बीज राकासु
सजे॒ आलम में
ख़ौफ़ ऐं हिरास जो
तांडव नृत्य करे रहियो आ
हीउ कहिड़ो जदीद दौरु आ
अजु जो आदमी केॾो न लाचारु आ
साइन्सी तरक़ी अजु बणी श्राप आ
अजु इन्सान जे ज़िंदगीअ जी
काई क़ीमत न आ
अजु जो इन्सानु केॾो न लाचारु आ
गौतम, नानक ऐं गांधीअ
जे सर ज़मीन ते
ख़ुदिकश आतंकवादी हमलन

जे ख़ौफ़ विचां, अजु जो आदमी
पंहिंजे पाछे खां बि डिजी॒ रहियो आ
अजु जो आदमी केॾो न लाचारु आ
अजु वरी कंहिं
अहिंसा जे पूज़ारी
गांधीअ जी ज़रूरत आ
मूंखे पको विश्वासु आ
वठी वरी नओं जनमु
अहिंसा जो पूज़ारी
कोई गाँधी ईंदो
हिन जदीद दौर खे
आतंदवाद खां कंदो आजो
हीउ कहिड़ो जदीद दौरु आ
अजु जो आदमी केॾो न लाचारु आ



www.sindhsalamat.com

# رِشتا

مون پنهنجو گهرُ
مضبوط رشتن سان جوڙيو آهي
ڪڏهن پتنيءَ جي روپ ۾
تہ ڪڏهن ممتا مئي
ماءُ جي روپ ۾
مونکي خبر ئي نہ پئي
تہ ڪڏهن مان انهن رشتن ۾
ائين وڪوڙجي ويس
جيئن ڪوريئڙو
پنهنجي ئي ڄار ۾
انهن رشتن ۾ هڪ احساس آهي
ٻنڌن جو، جيڪو ٻنڌن
هڪُ معنيٰ ڀريو آهي
جنهن مونکي
منهنجن پنهنجن
نزديڪ رشتن جو هر گهڙي
هر پل احساسُ ڏياريو آ
اِنهن رشتن جي ڄار ۾
وڪوڙجڻ جي باوجود بہ
هڪ سک جو احساس
مون محسوس ڪيو آهي.



# रिश्ता

मूं पंहिंजो घरु
मज़बूत रिश्तन सां जोड़ियो आहे
कडु॒हिं पत्नीअ जे रूप में
त कडु॒हिं ममतामई
माउ जे रूप में
मूंखे ख़बर ई न पई
त कडु॒हिं मां उन्हन रिश्तन में
इएं वकोड़जी वियस
जीअं कोरिअड़ो
पंहिंजे ई ज॒ार में
उन्हन रिश्तन में हिकु अहिसासु आहे
ब॒ंधन जो, जेको ब॒ंधनु
हिकु माना भरियो आहे
जंहिं मूंखे
मुंहिंजन पंहिंजन
नज़दीक रिश्तन जो हर घड़ी
हर पल अहिसासु ड॒ियारियो आ
इन्हन रिश्तन जे ज॒ार में
वकोड़जण जे बावजूद बि
हिक सुख जो अहिसासु
मूं महिसूस कयो आहे।



www.sindhsalamat.com

# رِزرويشـن

اڄ مان توکي
So Called Reservation
مؤنکي دان طور
جهوليءَ ۾ وجهڻ کان
آزاد ڪريان ٿي
مان حيران آهيان
تنهنجي اِن سوچ تي
تہ تون اڄ
پارليامينٽ ۾
Bill پيش ڪري
مون لاءِ
33% سيڪڙو رزرويشن
محفوظ ڪرڻ
چاهين ٿو
پر مون اڄ توکي
اِن So Called Reservation
جي ٻنڌڻ کان
آزاد ڪيو
ذرا سوچ تون
جي منهنجي ممتا ۾ بہ
Reservation جو ٻج هجي ها

تہ هيءَ ڌرتي
تو جهڙن
ڏاڍن مُڙسن جي ڏاڍ کان
آزاد هجي ها.
مان ڀيڻ
مان ڌيءُ
مان ئي جنني
مون ئي توکي
جنم ڏنو آ
تون ڇا مونکي ڏيندين؟
آد جڳاد کان
مون تو لاءِ ڪيو آهي
ءَ آئيندي بہ
ڪندي رهنديس
تون تہ خود
منهنجي پيار
منهنجي ڪروڙا
منهنجي ٿڃ جو
قرضدار آهين.



# रिज़र्वेशन

अजु मां तोखे
So Called Reservation
मूंखे दान तोर
झोलीअ में विझण खां
आज़ाद करियां थी
मां हैरान आहियां
तुंहिंजे इन सोच ते
त तूं अजु
पार्लियामेन्ट में
Bill पेश करे
मूं लाइ
33 सेकड़ो रिज़र्वेशन
महिफ़ूज़ करणु
चाहीं थो
पर मूं अजु तोखे
इन So Called Reservation
जे ब॒ंधन खां
आज़ाद कयो
ज़रा सोचि तूं
जे मुंहिंजे ममता में बि
Reservation जो ब॒िजु हुजे हा

त हीअ धरती
तो जहिड़न
ड॒ाढन मुड़िसन जे ड॒ाढ खां
आज़ाद हुजे हा ।
मां भेण
मां धीउ
मां ई जननी
मूं ई तोखे
जनमु ड॒िनो आ
तूं छा मूंखे ड॒ींदें
आदि जुग॒ाद खां
मूं तो लाइ कयो आहे
ऐं आईंदे बि
कंदी रहंदियस
तूं त ख़ुदि
मुंहिंजे प्यार
मुंहिंजे थञु जो
क़र्ज़दारु आहीं।



www.sindhsalamat.com

# सिंधू तुंहिंजा लाल अनेक

सिंधू तुंहिंजा लाल अनेक
के वसन हिंदु में
के सिंधु में,
के वसन सत समुंड पारि,
तुंहिंजे मिटीअ जी महिक निराली
तुंहिंजी ॿोली
सिंधी सुंहारी
अल्लाह हीउ कहिड़ो दस्तूर आ
जॾहिं जुदा
थियुस मां तोखां
राति रूंस चुंबड़ी
तुंहिंजे सीने सां
सूर त तोबि सांढिया हूंदा
सीने में अकीचार
इहा हक़ीक़त हरको ॼाणे
जेतरा ॿार अमड़ि जा हूंदा
ओतरा आंडा हुन जा हूंदा।

# سنڌو تنهنجا لعل انيڪ

سنڌو تنهنجا لعل انيڪ
ڪي وسن هند ۾،
ڪي سنڌ ۾،
ڪي وسن ست سمنڊ پار،
تنهنجي مٽيءَ جي مهڪ نرالي
تنهنجي ٻولي
سنڌي سُنهاري
اللهہ هيءُ ڪهڙو دستور آ
جڏهن جدا
ٿيس مان توکان
رات روُنس چنبڙي
تنهنجي سيني سان
سور تہ تو بہ سانديا هوندا
سيني ۾ اڪيچار
اها حقيقت هرڪو ڄاڻي
جيترا ٻار امڙ جا هوندا
اوترا آنڊا هُن جا هوندا.

# اک ۾ ڪک جي گفتگو

اک چيو ڪک کي
تون آهين ڪک
پتڪڙو
هوا جي جُهوٽي سان
اُڏري وڃي پٽ پوين.
منهنجي اک ۾ آهي
تيز ترار جهڙو
آءُ جي توکي
اک ڏيکاريان
تہ ڏري ٿي پئين
ڏارون ڏارون
اري اوءُ ڪک پتڪڙا
منهنجي آڏو
تنهنجو وجود ئي
ڇا آهي؟
پتڪڙي ڪک وراڻيو
نہ سمجهہ مونکي ڪک
پتڪڙو
اُڏري پوان جي اک ۾
تہ ڪک نہ لک آهيان



# अखि में कख जी गुफ़्तगू

अखि चयो कख खे
तूं आहीं कखु
पितकड़ो
हवा जे झूटे सां
उडि॒री वञी पटि पवीं।
मुंहिंजे अखि में आहे
तेज़ तरार जहिड़ो
आउं जे तोखे
अखि डे॒खारियां
त डु॒री थी पईं
डा॒रूं डा॒रूं
अड़े ओ कख पितकड़ा
मुंहिंजे आडो॒
तुंहिंजो वजूद ई
छा आहे ?
पितकड़े कख वराणियो
न समुझु मूंखे कखु
पितकड़ो
उडि॒री पवां जे अखि में
त कखु न लखु आहियां।



www.sindhsalamat.com

# بارود جي باهہ

اُن ڏينهن شام جو
جڏهن پکي پنهنجن آکيرن ڏانهن
وري رهيا هئا
ماڻهو پنهنجي گهرن ڏانهن
وڃي رهيا هئا
اوچتو ڌماڪا ٿيا
خاموشي ٽٽي پئي
اها خاموشي هڪ اهڙي
ناسور ۾ بدلجي وئي
جيڪا ممبئي ڌماڪن ۾
مري ويلن جي
ياد ڏياريندي رهندي
چئوطرف
آهون دانهون روچ راڙو
اُن ڏينهن
ماڻهن جو سمنڊ اُٿلي پيو
اُن ڏينهن ممبئي جو
اصلي سمنڊ ماٺ ۾ هو
شايد اهو سمنڊ
پٿر بڻجي ويو
جو اُن سمنڊ کان
هڪ ماءُ، پاءُ جي ڀيڻ
۽ سُهاڳڻين جو ورلاپ
سٺو نہ ويو هو.
۽ ممبئي جو سمنڊ
پٿر بڻجي ويو هو

اُن ڏهاڙي دهشتگردن ممبئي جي
تاج هوٽل کي باهہ لڳائي هئي
نريمن هائوس ۾ يهودي ٻار کان
سندس ماءُ پيءُ کسيا
خون پاڻي ٿي وهڻ لڳو
چوطرف لاش ڏسي روچ راڙو هو
ڇا اِها هئي
مردانگي دهشتگردن جي؟
مظلومن جي ساٿين
هيمنت کر کري، وجئہ سالسکر
۽ تکارام
ان خوفناک باهہ کي وسائيندي
لڙندا ويا مرندا ويا،
پر گهايل ڌرتي ۽ گهايل انسانن
جي زخمن تي مرهم لڳائيندا ويا
ائين مظلومن جا ساٿي
شهيد ٿي ويا.
قبرون هڪ جهڙيون
ماڻهو مختلف
اهي هندوستاني هجن
يا يهودي يا امريڪي
سڀ سڙي خاڪ ٿي ويا
پر، بارود جي باهہ ۾
اجل جو شڪار ٿيندڙ هو
هڪُ انسان

# बारूद जी बाहि

उन ॾींहं शाम जो
जॾहिं पखी पंहिंजन आखेरन ॾांहुं
वरी रहिया हुआ
माण्हू पंहिंजे घरन ॾांहुं
वञी रहिया हुआ
ओचितो धमाका थिया
ख़ामोखी टुटी पई
उहा ख़ामोशी हिक अहिड़े
नासूर में बदिलजी वई
जेका मुम्बई धमाकन में
मरी वियलन जी
यादि ॾियारींदी रहंदी
चौतरफ़
आहूं दाहूं रोजु राड़ो
उन ॾींहुं
माण्हुन जो समुंॾु उथिली पियो
उन ॾींहुं मुम्बईअ जो
असुली समुंॾु माठि में हो
शायद उहो समुंॾु
पथरु बणिजी वियो
जो उन समुंड खां
हिक माउ, भाउ जी भेण
ऐं सुहाॻणियुन जो वरलापु
सठो न वियो हो।
ऐं मुम्बई जो समुंॾु
पथरु बणिजी वियो हो।

उन ॾिहाड़े दहिशतगिर्दन मुंम्बई जे
ताज होटल खे बाहि लॻाई हुई
नरीमन हाऊस में यहूदी ॿार खां
संदसि माउ पीउ खसिया
ख़ूनु पाणी थी वहण लॻो
चौतरफ़ लाश ॾिसी रोजु राड़ो हो
छा इहा हुई
मर्दांगी दहिशतगिर्दन जी?
मज़लूमन जे साथियुनि
हेमंत करकरे विजय सालसकर
ऐं तुकाराम
उन ख़ौफ़नाक बाहि खे विसाईंदे
लड़ंदा विया मरंदा विया,
पर घायल धरती ऐं घायल इन्सानन
जे ज़ख़्मन ते मरहम लॻाईंदा विया
इएं मज़लूमन जा साथी
शहीद थी विया
क़बरूं हिक जहिड़ियूं
माण्हू मुख़्तलफ़
उहे हिंदुस्तानी हुजन
या यहूदी या अमेरीकी
सभु सड़ी ख़ाक थी विया
पर बारूद जे बाहि में
अजल जो शिकारु थींदड़ हो
हिकु इन्सानु।

# شاعر جو سفر

شاعر ۾ مُشاعري جو آهي
ويجهو ناتو
شاعر بنا مُشاعرو اڌورو
محفليہ مُشاعري جي
سونهہ آهي شاعر
پڙهي شعر جڏهن پنهنجو
شاعر کي ملي ٿو داد
ڀلا واہ! واہ!! ڪنهن کي نہ وڻندي
سو جڏهن ملي نينڊ شنڪر شاعر کي
هڪ شاندار شهر ۾
مُشاعري ۾ شرڪت جي
کڻي بئگ ڪلهي تي
نڪري پيو ريل گاڏيءَ ۾
اچي سيٽ پنهنجيءَ تي
ٿيو براجمان
هيس بس انتظار مُشاعري ۾
پهچڻ جو
وٺڻ استيشن تي آيا ميزبان
پهرائي مالهائون،
کڻي ڪلهن تي آيا شاعر کي
ڏيئي پکر ۾ گل ڪيائون شاعر جو
آدر ستڪار
ٿيو براجمان شاهي منچ تي
هيس انتظار پنهنجي
واري ملڻ جو
پڙهيو جڏهن پنهنجو شعر شاعر شنڪر

حاضرين! مقررَ مقررَ چئي
کيس ڏنو خوب داد
شاعر شنڪر وراڻيو مان هڪ اڌ نہ پر
پڙهندس پنهنجا شعر انيڪ
ميزبانن مهمان جو مان رکي
کڻي ڪيائون ماٺ
شاعر شنڪر ماٺ ئي نہ ڪري
نيٺ ميزبانن کي بہ سُجهي آئي
انوکي ترڪيب،
چيائون سائين
اهو شاعر ائين نہ مُڙندو
جنهن سنما سان کيس آندو ويو
سو وين وسري،
کنيي کڻي
ڪري ٽنگا ٽولي
کڻي ڦٽو ڪيائون
شاعر شنڪري کي
مال گاڏيءَ جي هڪ دٻي ۾
جڏهن شنڪر شاعر پاڻ سنڀاليو
ڏسي پاڻ کي
رڍن جي وچ ۾
بي ساختہ نڪتس سندس زبان مان
رڍ ڇا ڄاڻي راڳ مان
جنهن جي ٻولي ميئن مئہ.



# शाइर जो सफ़रु

शाइर ऐं मुशाइरे जो आहे
वेझो नातो
शाइर बिना मुशाइरो अधूरो
महिफ़िल्य मुशाइरे जी
सूंहं आहे शाइरु
पढ़े शइरु जॾहिं पंहिंजो
शाइर खे मिले थो दादु
भला वाह! वाह !! कंहिंखे न वणंदी
सो जॾहिं मिली नींढ शंकर शाइर खे
हिक शानदार शहर में
मुशाइरे में शिरकत जी
खणी बैग कुल्हे ते
निकरी पियो रेलगाॾीअ में
अची सीट पंहिंजीअ ते
थियो बिराजमान
हुयुस बसि इन्तज़ारु मुशाइरे में
पहुचण जो
वठण आया स्टेशन ते मेज़बान
पहिराए माल्हाऊं
खणी कुल्हन ते आया शाइर खे
ॾेई पखर ऐं गुल कयाऊं शाइर जो
आदर सत्कारु
थियो बिराजमान शाही मंच ते
हुयुस इन्तज़ारु पंहिंजे
वारे मिलण जो
पढ़ियो जॾहिं पंहिंजो शइरु शाइर शंकर

हाज़रीन ! मुक़रर मुक़रर चई
खेसि ॾिनो ख़ूब दादु
शाइर शंकर वराणियो मां हिकु अधु न पर
पढ़ंदुसु पंहिंजा शइर अनेक
मेज़बानन महिमान जो मानु रखी
खणी कयाऊं माठि
शाइरु शंकरु माठि ई न करे
नेठि मेज़बान खे बि सुझी आई
अनोखी तरक़ीब
चयाऊं साईं
इहो शाइरु इएं न मुड़ंदो
जंहिं सन्मान सां खेसि आंदो वियो
सो वियुन विसरी
खंभे खणी
करे टंगाटोली
खणी फिटो कयाऊं
शाइर शंकर खे
माल गाॾीअ जे हिक दॿे में
जॾहिं शंकर शाइर पाण संभालियो
ॾिसी पाण खे
रिढुन जे विच में
बे साख़्ता निकतसि संदसि ज़बान मां
रिढ छा ॼाणे राॻु मां
जंहिंजी ॿोली मेंइ मइ



www.sindhsalamat.com

# منهنجي مالها 108 داڻا

منهنجي مالها سئو اٺ داڻا
منهنجي مالها سڀ کان سندر
سُهڻن موتين
هيرن، لعل جواهر جڙيل
هت ڌرم ۽ ٻوليون انيڪ
جت هر مذهب ۽ ڌرم کي
هڪ جهڙا حق آهن
رنگ الڳ الڳ
هر ڪنهنجو پنهنجو
ليڪن لال لهو تہ ساڳيو آ
هندو مسلم سکہ عيسائي
سيئي انهيءَ مالها جا داڻا
جيڪي پروئيل آهن هڪ ئي
لعل لهوءَ جي ڌاڳي ۾
گڏجي بڻيو آهي هيءُ سهڻو هار
ڀارت ماتا جي ڳلي جو هار
منهنجي مالها سئو اٺ داڻا
منهنجي مالا سڀ کان سندر
سهڻن موتين هيرن
لعل جواهرن سان جڙيل
ٽئگور تلڪ اقبال
هن مالها جا داڻا

ڀارت جي سڪيولئر جهموري حڪومت
سڀني مذهبن کي عطا ڪيا
برابريءَ جا حق
ڀل چشتيءَ جي درگاه هجي
يا بهائين جو لوٽس ٽيمپل
جت هر مذهب ۽ ڌرم جو بندو
پنهنجي پنهنجي اشٽديو کي
ياد ڪري ٿو
هت تاج محل آ دنيا جو شان
۽ اجنتا جون غفائون
جت جيون جا چتر چٽيل آهن سهڻا
هت پوڄيو وڃي ٿو ندين کي بہ
جت گنگا جمنا سرسوتي
اونچو ڳاٽ ڪري بيٺو آهي
هماليہ ۽ نندا ديوي
منهنجي مالها سئو اٺ داڻا
منهنجي مالها سئو اٺ داڻا...



# मुंहिंजी माल्हा 108 दाणी

मुहिंजी माल्हा सौ अठ दाणा
मुहिंजी माल्हा सभ खां सुंदर
सुहिणन मोतियुनि
हीरन, लाल, जवाहर जुड़ियल
हिति धर्म ऐं ॿोलियूं अनेक
जिति हर मज़हब ऐं धर्म खे
हिक जहिड़ा हक़ आहिन
रंगु अलॻ अलॻ
हर कंहिजो पंहिजो पंहिजो
लेकिन लाल लहू त साॻियो आ
हिंदू मुस्लिम सिख ईसाई
सभई इन्हीअ माल्हा जा दाणा
जेकी पिरोइयल आहिन हिक ई
लाल लहूअ जे धाॻे में
गॾिजी बणियो आहे हीउ सुहिणो हारु
भारत माता जे गले जो हारु
मुंहिंजी माल्हा सौ अठ दाणा
मुंहिंजी माल्हा सभ खां सुंदर
सुहिणन मोतियुनि हीरन
लाल जवाहरन सां जुड़ियल
टैगोरु तिलकु इक़बालु
हिन माल्हा जा दाणा

भारत जी सिक्युलिअर झमूरी हुकुमत
सभिनी मज़हबन खे अता कया
बराबरीअ जा हक़
भलु चिश्तीअ जी दरगाह हुजे
या बहाईन जो लोटस टेम्पल
जिति हर मज़हब ऐं धर्म जो बंदो
पंहिंजे पंहिंजे इष्ट देव खे
यादि करे थो
हिति ताजमहलु आ दुनिया जो शानु
ऐं अजन्ता जूं ग़ुफ़ाऊं
जिति जीवन जा चित्र चिटियल आहिनि सुहिना
हिति पूॼियो वञे थो नदियुनि खे बि
जिति गंगा जमुना सरस्वती
ऊंचो ॻाटु करे बीठो आहे
हिमालय ऐं नंदा देवी
मुंहिंजी माल्हा सौ अठ दाणा
मुंहिंजी माल्हा सौ अठ दाणा....



www.sindhsalamat.com

# باغبان

باغ جو باغبان
باغ جي هر ٻوٽي کي
برابر پيار ۽ پاٻوهه
جي پاڻيءَ سان ريجھ ڏيئي
لهندو آهي سار سنڀال
موسم جا گل هر ٻوٽي تي
برابر ٽڙندا آهن
پر مان ان ڪئڪٽس جي
ٻوٽي جيان آهيان
جنهن کي باغبان جو نه پيار ۽
پاٻوهه مليو
نه ئي ڪائي سار سنڀال لڌي وئي
مان بنا پاڻيءَ جي
جهر جهنگ ۾
بنجر زمين تي
هيڪلو بيٺو آهيان
جو منهنجو جسم
ڪندن سان ڀريل آهي
منهنجي باغبان جي ڏنل ڏنگن
منهنجي جسم تي
ڪنڊا ئي ڪنڊا ڏنا آهن
تڏهن ته هرڪوئي
مونکان پري رهڻُ چاهي ٿو
مان وقت جي ستم جي
لتاڙ سهي
چيڀاٽجي ويندو آهيان.



# बाग़बान

बाग़ जो बाग़बान
बाग़ जे हर ॿूटे खे
बराबर प्यार ऐं पाॿोह
जे पाणीअ सां रेजु ॾेई
लहंदो आहे सार संभाल
मौसम जा गुल हर ॿूटे ते
बराबर टिड़ंदा आहिन
पर मां उन कैटिक्स जे
ॿूटे जियां आहियां
जंहिंखे बाग़बान जो न प्यारु ऐं
पाॿोहु मिल्यो
न ई काई सार संभाल लधी वई
मां बिना पाणीअ जे
झर झंग में
बंजर ज़मीन ते
हेकलो बीठो आहियां
जो मुंहिंजो जिस्मु
कंडन सां भरियलु आहे
मुंहिंजे बाग़बान जे ॾिनल ॾुंगन
मुंहिंजे जिस्म ते
कंडा ई कंडा ॾिना आहिन
तड॒हिं त हर कोई
मूंखां परे रहणु चाहे थो
मां वक़्त जे सितम जी
लताड़ सही
चीभाटजी वेंदो आहियां।



www.sindhsalamat.com

# سنڌو درياهہ

هيءُ سنڌو درياهہ
مقدس آهي.
جنهن ۾ نظر ايندڙ هر ڌنڌلو پاڇو
منهنجي مارن جي
واقعن جو داستان بيان ڪري ٿو
سنڌوءَ جي پاڻيءَ جي گڙگڙاهٽ
ڄڻ تہ منهنجي بزرگن جي
آواز جو پڙاڏو آهي.
پاڻي جو اُڃ ٻُجهائي ٿو
ٻچن جي کاڌ خوراڪ،
پيٽ گذر ۽ جياپو آهي.
اچو تہ پنهنجي ٻچڙن کي
اها تاڪيد ڪريون.
اوهين بہ سنڌوءَ کي،
اها شفقت پرگهور ڏجو.
جا اوهين پنهنجي ساهہ کي
ڏيندا آهيو.
اچو تہ پنهنجي اولاد کي درس ڏيون
سنڌو اسان جو ساهہ آ،
ڌرتي اسانجي ماتا آهي.



# सिंधू दरियाहु

हीउ सिंधू दरियाहु
मुक़दस आहे।
जंहिं में नज़र ईंदड़ु हर धुंधलो पाछो
मुंहिंजे मारुन जे
वाक़्अन जो दास्तानु बयानु करे थो
सिंधूअ जे पाणीअ जी गड़गड़ाहट
ज़णु त मुंहिंजे बुज़र्गन जे
आवाज़ जो पड़ाडो आहे
पाणी जो उञ बुझाए थो
बुचन जी खाधि ख़ोराक
पेट गुज़रु ऐं जियापो आहे।
अचो त पंहिंजे बुचड़न खे
इहा ताकीद करियूं।
उव्हीं बि सिंधूअ खे,
उहा शुफ़्क़त परघोर डिजो
जा अव्हीं पंहिंजे साह खे
डींदा आहियो।
अचो त पंहिंजे औलाद खे दर्सु डियूं
सिंधू असांजो साहु आ,
धरती असांजी माता आहे।



www.sindhsalamat.com

# هوليءَ جا رنگ

هولي آئي ڀائي هولي آئي
هولي آئي ڀائي هولي آئي آ
هر چهرو رنگ برنگي آ
ڇا ٻار ڇا ٻڍو
ڇا ٻائو ٻانڀڻ
ڇائي هرڪنهن تي
اڄ مستي آ
هولي آئي ڀائي هولي آئي آ
هر چهرو رنگ برنگي آ
ڇا ببلو ڇا ببلي
ڇا ڪاڪو ڇا ڪاڪي
هرڪو کائي پيو
بس گرما گرم گيهر
هولي آئي ڀائي هولي آئي آ
رنگ برنگي آ هولي آئي
هر چهرو ڳاڙهو نيرو پيلو آ
ڪونه ٿو سڃاڻي سگهجي
ڪير ڳاڳن آ
ڪير هرڳن آ
ڪير ٻائو آ
ڪير ٻانڀڻ آ
ڪڍي رنگ برنگي پچڪاريون
۽ گلال نڪتيون
مستن ۽ متوالن جون ٽوليون
هر گهر گهٽيءَ مان
بس اچي اها صدا ٿي
متان بچي نڪري
مستن ۽ متوالن جي
ٽولين کان
اڄ هر ڪنهن کي بس
پيار جي رنگ ۾ رڱڻو آ
هولي آئي ڀائي هولي آئي آ
هر چهرو رنگ برنگي آ
هر ڪنهن تي ڇائي
اڄ مستي آ...



# होलीअ जा रंग

होली आई भाई होली आई
होली आई भाई होली आई आ
हरु चहिरो रंगबिरंगी आ
छा ॿारु छा ॿुढो
छा ॿाओ ॿांभणु
छाई हर कंहिं ते
अजु मस्ती आ
होली आई भाई होली आई आ
हरु चहिरो रंगबिरंगी आ
छा बबलू छा बबली
छा काको छा काकी
हरको खाए पियो
बसि गरमागरम गीहर
होली आई भाई होली आई आ
रंगबिरंगी आ होली आई
हरु चहिरो ॻाढ़ो नीरो पीलो आ
कोन थो सुञाणे सघिजे
केरु गागनु आ
केरु हरगुन आ
केरु ॿाओ आ
केरु ॿांभणु आ
खणी रंगबिरंगी पिचकारियूं
ऐं गुलालु निकतियूं
मस्तन ऐं मतवालन जूं टोलियूं
हर घर घिटीअ मां
बसि अचे इहा सदा थी
मतां बची निकरे
मस्तन ऐं मतवालन जे
टोलियुन खां
अजु हर कंहिं खे बसि
प्यार जे रंग में रङिणो आ
होली आई भाई होली आई आ
हरु चहिरो रंगबिरंगी आ
हर कंहिं ते छाई
अजु मस्ती आ...



www.sindhsalamat.com

# چئو پال

مينهن جهڙ
آنڌيءَ مانجهيءَ
اونهاري سياري
نوڪري ڪندي ڪندي
ويا ڪئي سال گذري
اوڙي پاڙي وارين کي
سياري جو اُس ۾
ميدان تي ويهي
مٺڪريون، ڏوڏيون پستا
کائيندي ڏسي
مونکي دل ۾ ارمان ٿئي
تہ نوڪرين وارين کان تہ
هيءُ گهريلو عورتون ڀليون
هو موج ماڻين ٿيون
روز روز چون ديدي
تون تہ سنوري سنبري
نڪرين ٿي گهر مان
اسين توتي رشڪ
ڪنديون آهيون
مون کين چيو

مونکي توهان جيان
هينئن ڪاڇا پستا کائڻ
نصيب ڪٿي!
سو چئيو مان
اچو تہ هڪ ٻئي سان
ادلا بدلي ڪريون
ڪاش! ائين ٿي سگهي
مونکي اوهان جي
هر ڳالهہ منظور آ
اوهين منهنجي
نوڪري سنڀاليو
۽ مان توهان جي چئوپال



# चओपाल

मींहं झुड़
आंधीअ मांझीअ
ऊन्हारे सियारे
नौकरी कंदे कंदे
विया कएं साल गुज़री
ओड़े पाड़े वारियुन खे
सियारे जो उस में
मैदान ते वेही
मुङफरियूं ड्रोढ्रियूं पिस्ता
खाईंदे ड्रिसी
मूंखे दिल में अरमानु थिए
त नौकरियुनि वारन खां त
ही घरेलू औरतूं भलियूं
हू मौज माणीन थियूं
रोज़ रोज़ चवन दीदी
तूं त संवरी संभरी
निकरीं थी घर मां
असीं तोते रश्क
कंदियूं आहियूं
मूं खेनि चयो

मूंखे तव्हां जियां
हीअं खाजा पिस्ता खाइणु
नसीब किथे !
सोचियो मां
अचो त हिक ब्रिए सां
अदला बदली करियूं
काश ! इएं थी सघे
मूंखे अव्हां जी
हर ग़ाल्हि मंज़ूर आ
अव्हीं मुंहिंजी
नौकरी संभालियो
ऐं मां तव्हां जी चओपाल।



www.sindhsalamat.com

# پئسي ۽ رپئي جي گتفگو

نندڙي پئسي چيو رُپئي کي
ادا هيءُ ڪهڙو زمانو آيو آ
مهانگائيءَ جي دور ۾
ڏس رنگ ناڻي جا
اڳ هو جنهن گول پئسي ۾ ٽنگ
هيو اُن جو بہ ملهہ گهڻو
پر اڄ انسان ڀڄي ڀڄي
اُن خال کي بہ ويو آ ڀريندو
پر ان جو ڀڀُ آ جو ڀرجي ئي نہ ٿو
پئسي چي ادا!
هيءُ ڪهڙو زمانو آيو آ
اڳ مان هڪ اڪيلو ئي ڪافي هيس
جو اڳ هو ٽڪي پئسي جو بہ ملهہ
پر قدر نہ آهي اڄ رُپئي جو
پئسي چيو ڪو وقت هو جو
هڪ رپئي ۾ هئا فقط آنا سورهان
بدلجي ويو آ رنگ روپ روپئي جو
سورنهن مان بدلجي ٿيا
پورا هڪُ سئو پئسا
پوءِ بہ آهين ايڏو محتاجُ چو؟

ڇا تہ هو شان پئسي آني جو
پائي، پئسي، ٽڪي، پاوليءَ جو بہ
ڀلي ئي آهين تون پورو هڪُ سئو
تہ بہ نہ اٿيئي ڪو ملهہ تُنهنجو
پُڇ پنهنجي ناني ڏاڏيءَ کان
نندي پئسي ۾ خال هوندي بہ
هيو ڪيڏو ملهہ منهنجو
اڄ انسان ڀڄي ڀڄي ڪري
ڀريو آ ان خال کي
پر اهو ڀريل هوندي خالي آ
۽ ڪري رهيو آهي
انسان جي کيسي ۾ ٽنگ



# पैसे ऐं रुपए जी गुफ़्तगू

नंढड़े पैसे चयो रुपए खे
अदा हीउ कहिड़ो ज़मानो आयो आ
महांगाईअ जे दौर में
ड्सिु रंग नाणे जा
अगु हो जंहिं गोल पैसे में टुंगु
हुयो उन जो बि मुल्हु घणो
पर अजु इन्सानु भज़ी भज़ी
उन ख़ाल खे बि वियो आ भरींदो
पर उन जो भिभु आ जो भरजे ई नथो
पैसे चयो अदा !
हीउ कहिड़ो ज़मानो आयो आ
अगु मां हिकु अकेलो ई काफ़ी हुयुस
जो अगु हो टके पैसे जो बि मुल्हु
पर क़दुरु न आहे अजु रुपए जो
पैसे चयो को वक़्तु हो जो
हिक रुपए में हुआ फ़क़त आना सोरहां
बदिल्जी वियो आ रंगु रुपु रुपए जो
सोरहन मां बदिल्जी थिया
पूरा हिक सौ पैसा
पोइ बि आहीं एड्डो मुहिताजु छो?

छा त हो शानु पैसे आने जो
पाई, पैसे टके पावलीअ जो बि
भले ई आहीं तूं पूरो हिकु सौ
त बि न अथेई को मुल्हु तुंहिंजो
पुछु पंहिंजी नानी डाडीअ खां
नंढे पैसे में खाल हूंदे बि
हुयो केड्डो मुल्हु मुंहिंजो
अजु इन्सान भज़ी भज़ी करे
भरियो आ उन ख़ाल खे
पर उहो भरियल हूंदे ख़ाली आ
ऐं करे रहियो आहे
इन्सान जे खीसे में टुंगु



www.sindhsalamat.com

# ٽيٽ مڪڙو ٽيڪم

ٽيٽ مڪڙو ٽيڪم،
هر ڏڻ وار تي،
پوءِ ڀل ٽيجڙي هجي،
يا ڏياري هولي.
بنا ناغي جي،
پهچي ويندو هو،
ڀُڳ ڀرڻ لاءِ.
ٽيٽ مڪڙو ٽيڪم،
هر ڏڻ کان هڪ ڏينهن اڳ ۾،
اپواس ڪندو هو،
چئي ڀاڀيءَ جي گهر وڃي،
ڏڻُ ملهائيندس،
خوب مزي سان،
کاڄا پستا کائيندس.
پوڙيون پڪوڙا،
۽ پڪوان کائي،
ڀڳُ ڀريندس.
گرما گرم جليبيون،
۽ گيهر چکيندس،
مان به هر ڏڻ وار تي،
آجيان کندي ٿڪجي پيس.
ڏينهون ڏينهن مهانگائي،

وڃي ٿي چوٽ چڙهندي،
مون به سوچيو هو ته،
هن هوليءَ تي اگر،
ٽيڪ مڪڙو ٽيڪم آيو،
ته سوڪ مانيون پچائينديمانس.
چوندا آهن،
هيريءَ سندي هير،
ٽنگ ڀڳي به نه لهي.
سو هن هوليءَ تي به،
پهچي ويو صبح سوير.
چئي ڀاڀي هوليءَ جون،
واڌايون هجنو،
مون به کلي ڪيڪاريومانس.
ٽيٽ مڪڙي ٽيڪم کي،
هيو انتظار هنکي ڀڳ ڀرڻ جو،
ڀلا مئي مهانگائي به ڦڪو ڪيو آ،
ڏڻ وارن جو مزو،
ويو نڪري مٺاين مان ميٺاج،
ڪٿان آڻيون کاڄا پستا،
جليبيون گيهر ۽ لڏون.
پر سڳن خاطر وات مٺو ڪرڻ لاءِ،
ڪڻي آيس ٿالهي هٿ ۾،



# टीटमकड़ो टीकमु

टीटमकड़ो टीकमु
हर ड्रिण वार ते
पोइ भलु टीजड़ी हुजे
या ड्रियारी होली ।
बिना नागे जे
पहुची वेंदो हो
भिभु भरण लाइ
टीटमकड़ो टीकमु
हर ड्रिण खां हिकु ड्रींहुं अगु में
उपवासु कंदो हो
चए भाभीअ जे घर वञी
ड्रिणु मल्हाईंदुसु
ख़ूब मज़े सां,
खाजा पिस्ता खाईंदुसु
पूड़ियूं पकोड़ा
ऐं पकवान खाई
भिभु भरींदुसु ।
गरमागरम जलेबियूं
ऐं गीहर चखींदुसु
मां बि हर ड्रिण वार ते
आजियां कंदे कंदे थकिजी पियस
ड्रींहों ड्रींह महांगाई

वञे थी चोटि चढ़ंदी
मूं बि सोचियो हो त,
हिन होलीअ ते अगर
टीकमकड़ो टीकमु आयो,
त सोकमानियूं पचाईंदीमांस
चवंदा आहिनि,
हेरीअ संदी हेर
टंग भगे बि न लहे।
सो हिन होलीअ ते बि
पहुची वियो सुबह सवेर।
चए भाभी होलीअ जूं
वाधायूं हुजनव
मूं बि खिली खीकारियोमांस
टीटमकड़े टीकम खे
हुयो इन्तज़ारु हुन खे भिभ भरण जो
भला मुई महांगाई बि फिको कयो आ
ड्रिण वारन जो मज़ो
वियो निकरी मिठायुन मां मेठाजु,
किथां आणियूं खाजा पिस्ता,
जलेबियूं गीहर ऐं लड्डूं
पर सगुन खातिर वातु मिठो करण लाइ
खणी आयस थाल्ही हथ में



www.sindhsalamat.com

وات پاڻي ٿيو، ٽيٽ مڪڙي ٽيڪم جو.
ٿالهي وٺندي ئي چيائين،
ڀاڀي طعام ڪٿي آهن،
مون به ٿالهيءَ ۾ رکيل هڪ داڻي سان،
واڌايون ڏنيون،
چيومان ڀائو! کائو لڏون لاڏ سان،
نظر ڏنياڻيءَ طور
ڏسي ٿالهيءَ ۾ هِڪ داڻو
مهانگائي ڪري هن جي
مُرڪ به سُسي وئي،
هيءُ ڇا؟ ڀاڀي،
لڏون ڪٿي آهن؟
مون مئگنيفائيگ گلاس ڏيندي.
چيو مانس -هن سان ڏسو،
ٻونديءَ جو هيءُ داڻو،
لڏونءَ کان گهٽ نه لڳندوءِ،
کائي لڏون مُنهن مٺو ڪيو.



वातु पाणी थियो टीटमकड़े टीकम जो
थाल्ही वठंदे ई चयाईं
भाभी ताम किथे आहिन
मूं बि थाल्हीअ में रखियल हिक दाणे सां,
वाधायूं ड॒िनियूं
चयोमान भाऊ ! खाओ लडूं लाडु सां,
नज़र डुंभाणीअ तोरि
ड॒िसी थाल्हीअ में हिकु दाणो
महांगाईअ करे हुन जी
मुर्क बि सुसी वई,
हीउ छा ? भाभी
लडूं किथे आहिन ?
मूं मैग्नीफ़ाईंग गिलास ड॒ींदे
चयोमांस - हिन सां ड॒िसो
बूंदीअ जो हीउ दाणो
लडूंअ खां घटि न लगुंदुव
खाई लडू मुंहुं मिठो कयो।



www.sindhsalamat.com

# माउ

असां सभु ज़ाणूं था त,
ख़ुदा हिन धरतीअ ते,
पंहिंजो ज़हूरु,
माउ जे रूप में पैदा कयो आहे।
औरत ऐं धरती ब॒ई तख़लीक़कार आहिन।
औरत माउ जे रूप में,
जनमु डीं॒दड़,
त धरती असां लाइ अनु उपजाए थी।
इहा ब॒ी ग॒ाल्हि आ,
जो कड॒हिं कड॒हिं मसरूर खे,
पंहिंजे ई शाहकारन हथां,
मरणो पवे थो।
छा कड॒हिं कंहिं इहो सोचियो आ,
त कृष्न जे गोपियुन,
ऐं राम जे सीता सां,
कहिड़ो सलूकु कयो,
जेको औरत जो अहितराम नथो करे,
ज॒णु त ख़ुदि ख़ुदाई जी इनहराफ़ी थो करे।



# ماءُ

اسان سڀ ڄاڻون ٿا تہ،
خدا هن ڌرتيءَ تي،
پنهنجو ظهور،
ماءُ جي روپ ۾ پيدا ڪيو آهي.
عورت ۽ ڌرتي ٻئي تخليقڪار آهن.
عورت ماءُ جي روپ ۾،
جنم ڏيندڙ،
تہ ڌرتي اسان لاءِ انُ اپجائي ٿي.
اها ٻي ڳالهہ آ،
جو ڪڏهن ڪڏهن مصرور کي،
پنهنجي ئي شاهڪارن هٿان،
مرڻو پوي ٿو.
ڇا ڪڏهن ڪنهن اهو سوچيو آ،
تہ ڪرشن جي گوپين،
۽ رام جي سيتا سان،
ڪهڙو سلوڪ ڪيو،
جيڪو عورت جو احترام نہ ٿو ڪري،
ڄڻ تہ خود خدائي جي انحرافي ٿو ڪري.



www.sindhsalamat.com

# سرحد جي ھُن پار ڀاءُ کي پيغام

سرحد جي هن پار پنهنجي ڀاءُ کي،
تون ۽ مان هڪ ماءُ جا ڄاوا،
انُ ٻنهي آ،
ساڳيو کاڌو،
جل سنڌوءَ جو ٻہ،
ساڳيو پيتو،
هير ٿڌيڙي ٻہ،
تو ۽ مان ساڳي ماڻي.
تنهنجي منهنجي،
ڌرتي ساڳي،
مٽي ساڳي،
خون ٻہ ساڳيو،
جيجل ماءُ ٻہ ساڳي.
توکي جيجل،
سيني سانڍيو،
مونکي ڇو آ،
دور ڌڪيليو ،
مان ڇو آهيان.
ڌرتيءَ ڌڪاڻو سچ آ اِها ڇوڻي،
ماءُ ڄڻيندي پٽڙا،
ونڊ نہ ڏيندي ڀاڳ.



# सरहद जे हुन पारि भाउ खे पैग़ामु

सरहद जे हुन पारि पंहिंजे भाउ खे,
तूं ऐं मां हिक माउ जा ॼावा,
अनु ॿिन्ही आ,
साॻियो खाधो,
जलु सिंधूअ जो बि,
साॻियो पीतो,
हीर थधेड़ी बि,
तो ऐं मां साॻी माणी।
तुंहिंजी मुंहिंजी,
धरती साॻी,
मिटी साॻी,
ख़ूनु बि साॻियो,
जीजल माउ बि साॻी।
तोखे जीजल,
सीने सांढियो,
मूंखे छो आ,
दूरि धकेलियो,
मां छो आहियां।
धरतीअ धिकाणो सचु आ इहा चवणी,
माउ ॼणींदी पुटिड़ा,
वंडि न ॾींदी भाॻु।



www.sindhsalamat.com

# دُرنگي دُنيا

دنيا ڪيڏي نہ،
دُرنگي آ،
ڪالهہ جن ٿي،
ڦيري ڪندي هوڪو ڏنو،
هر مال ٻي ٻي آني آ.
سي اڄ،
شاعرن جي محفل ۾،
شعر پڙهندي،
ماضيءَ جو هوڪو،
ڪجهہ هينئن ٿا ڏين.
شاعر ٻي ٻي آني آ،
شاعر ٻي ٻي آني آ،
دنيا ڪيڏي نہ،
درنگي آ،
دنيا ڪيڏي نہ،
درنگي آ.



# दुरंगी दुनिया

दुनिया केॾी न,
दुरंगी आ,
काल्ह जिनि थे,
फेरी कंदे होको ॾिनो,
हरु मालु ॿी ॿी आने आ,
से अजु,
शाइरन जे महिफ़िल में,
शइर पढ़ंदे,
माज़ीअ जो होको,
कुझु हींअं था ॾियन।
शाइरु ॿी ॿी आने आ,
दुनिया केॾी न,
दुरंगी आ,
दुनिया केॾी न,
दुरंगी आ।



www.sindhsalamat.com

# परमहंस भारतु

अजु वक़्तु अची वियो आ,
जॾहिं खीर खे,
पाणीअ खां,
अलॻ करणो आ।
अछा कारा,
पधरा करणा आहिन,
अजु वक़्तु अची वियो आ,
आरि पारि जी,
ॻाल्हि करण जो।
अजु भारत जा अटल इरादा,
दुनिया में पड़ाॾो बणिजी,
गूंजे रहिया आहिन,
दहिशतगिरदीअ खे,
पाडूं पटिणो आ,
अजु वक़्तु अची वियो आ,
जॾहिं खीर खे,
पाणीअ खां,
अलॻ करणो आ।
अजु वक़्तु अची वियो आ,
दोस्त ऐं दुश्मन खे,
सुञाणण जो,
उन्हन खे अलॻ करे,
बिहारणो आ,
जिनि बामयान में,
अहिंसा जी मूरत,
महात्मा ॿुद्ध जे मुजसम खे मसमार कयो आ।
जिनि अमेरीका जे,
वर्ल्ड ट्रेड सेन्टर,
भारती झमूरियत,
जे मर्कज़ पार्लियामेन्ट ते,
घातक वारु कयो आ,
तिनि खे सबक़ु सेखारणो आ,
जिनि दहिशतगिरदीअ,
जे कारीहर नांग खे,
पालियो निपायो आ,
फणु उन्हीअ जो कुचलणो आ।
अजु वक़्तु अची वियो आ,
आरपार जी लड़ाई लड़ण जो,
अजु वक़्तु अची वियो आ,
जॾहिं खीर खे,
पाणीअ खां अलॻ करणो आ,
इहो ॼाणूं था असीं त,
खीरु ऐं पाणी अलॻ,
कंदो आ हंसु।
भारतु अहिड़ो हंसु आ,
जेको खीर ऐं पाणीअ खे,
अलॻ करे छॾींदो आ।



# پرم هنس ڀارت

اڄ وقت اچي ويو آ،
جڏهن کير کي،
پاڻيءَ کان،
الڳہ ڪرڻو آ.
اڇا ڪارا،
پڌرا ڪرڻا آهن،
اڄ وقت اچي ويو آ،
آر پار جي،
ڳالھہ ڪرڻ جو.
اڄ ڀارت جا اٽل ارادا،
دنيا ۾ پڙاڏو بڻجي،
گوُنجي رهيا آهن،
دهشتگرديءَ کي،
پاڙون پٽڻو آ،
اڄ وقت اچي ويو آ،
جڏهن کير کي،
پاڻيءَ کان،
الڳ ڪرڻو آ.
اڄ  وقت اچي ويو آ،
دوست ۽ دشمن کي،
سڃاڻڻ جو،
انهن کي الڳہ ڪري،
بهارڻو آ،
جن باميان ۾،
اهنسان جي مورت،
مهاتما ٻڌ جي مجسم کي مسمار ڪيو آ.
جن امريڪا جي،
ورلڊ ٽريڊ سينٽر،
ڀارتي جهموريت،
جي مرڪز پارليامينٽ تي،
گهاتڪ وار ڪيو آ.
تنکي سبق سيکارڻو آ،
جن دهشتگرديءَ،
جي ڪاريهر نانگ کي،
پاليو نپايو آ،
ڦڻُ اُنهيءَ جو ڪچلڻو آ.
اڄ وقت اچي ويو آ،
آر پار جي لڙائي لڙڻ جو،
اڄ وقت اچي ويو آ،
جڏهن کير کي،
پاڻيءَ کان الڳہ ڪرڻو آ.
اهو ڄاڻون ٿا اسين تہ،
کير ۽ پاڻي الڳ،
ڪندو آ  هنس.
ڀارت اهڙو هنس آ،
اهڙو پرم هنس آ،
جيڪو کير ۽ پاڻيءَ کي،
الڳ ڪري ڇڏيندو آ.

# مان آزاد ڀارت جي نياڻي آهيان

مان آزاد ڀارت جي،
نياڻي آهيان،
مان هن ئي ڌرتيءَ تي،
ڄائي نپني آهيان.
ڀارت ماتا کي،
آزادي ڏيارڻ لاءِ،
نڪري پيا نر ۽ نار،
ڏيئي آهوتي پراڻن جي،
سي پنهنجو،
ڪنڌ ڪپائي ويا.
مونکي آهي اُها آزادي،
پراڻن کان ڀي پياري،
جا آزادي تانتيا ٽوپي،
۽ جهانسيءَ جي راڻي ڏياري،
ننڍڙي لاڪو،
جهانسيءَ جي راڻيءَ جا،
رانديڪن بدران،
هٿيار ساٿي.
مان آزاد ڀارت...

مان جهموريت،
سماجواد ۽ سيڪيولرزم،
جي پوڄارڻ آهيان.
مونکي آهي اها آزادي،
پراڻن کان ڀي پياري،
آزادي جيڪا،
ڀڳت سنگهه، سکديو،
۽ راج گروءَ جي،
قربانين ڏياري.
شهيدن جون قربانيون
۽ لهو ويندو نه رائگان.
مونکي آهي اُها آزادي.
پراڻن کان ڀي پياري،
مان آزاد ڀارت جي،
نياڻي آهيان،
مان جهموريت سماج واد
۽ سيڪيولرزم جي پوڄارڻ آهيان.
مان آزاد ڀارت....



# मां आज़ाद भारत जी नियाणी आहियां

मां आज़ाद भारत जी
नियाणी आहियां
मां हिन ई धरतीअ ते,
ज॒ाई निपनी आहियां।
भारत माता खे,
आज़ादी डि॒यारण लाइ,
निकरी पिया नर ऐं नार,
डे॒ई आहूती प्राणन जी,
से पंहिंजो,
कंधु कपाए विया।
मूंखे आहे उहा आज़ादी,
प्राणन खां बि प्यारी,
जा आज़ादी तांतिया टोपे,
ऐं झाँसीअ जे राणीअ डि॒यारी
नंढिड़े लाकू,
झाँसीअ जे राणीअ जा,
राँदीकन बदिरां,
हुआ हथियार साथी।
मां आज़ाद भारत...

मां झमूरियत,
समाजवाद ऐं सिक्यूलरज़िम,
जी पूज॒ारिण आहियां।
मूंखे आहे उहा आज़ादी,
प्राणन खां बि प्यारी,
आज़ादी जेका,
भग॒तसिंघ, सुखेदेव,
ऐं राजगुरूअ जे,
कुर्बानियुन डि॒यारी।
शहीदन जूं कुर्बानियूं
ऐं लहू वेंदो न राइगान
मूंखे आहे उहा आज़ादी,
प्राणन खां बि प्यारी।
मां आज़ाद भारत जी,
नियाणी आहियां,
मां झमूरियत, समाजवाद,
ऐं सिक्यूलरज़िम जी पूज॒ारिण आहियां।
मां आज़ाद भारत...



www.sindhsalamat.com

# आज़ादी

आज़ादी नइमत आ।
ग़ुलामी दाग़ु आ,
आज़ादी आहे।
हर कंहिं खे प्यारी,
आज़ाद फ़िज़ा में,
जो साहु खणे थो,
मुखड़ीअ मां टिड़ी सो गुलु बणे थो।
ग़ुलामी जानवरन खे बि,
कीन वणे थी,
छा ! ग़ाल्हि पुछीं थो,
तूं साह वारन जी ?
आलन ज़ुल्फ़न मां,
ग़ुड़ंदड़ पाणीअ खे,
महज़ पाणीअ जूं ग़ुड़ंदड़
बूंदूं न भांइ,
उहे त ग़ुलामीअ जे,
बंधन में बंधिजण ते,
लुड़िक लाड़े रहियूं आहिन।
ग़ुलामीअ बंधनन मां,
करे ड्रिसु ज़ुल्फ़न खे आज़ाद,
खुल्यल फ़िज़ा में,
कीअं नथियूं लहिराईन,
आज़ादी नइमत आ,
ग़ुलामी दाग़ आ।



# آزادي

آزادي نعمت آ.
غلامي داغ آ،
آزادي آهي.
هر ڪنهن کي پياري،
آزاد فضا ۾،
جو ساهُ کڻي ٿو،
مکڙيءَ مان ٽڙي سو گل بڻي ٿو.
غلامي جانورن کي بہ،
ڪين وڻي ٿي،
ڇا! ڳالهہ پُڇين ٿو،
تون ساهہ وارن جي؟
آلين زلفن مان،
ڳرندڙ پاڻيءَ کي،
محظ پاڻيءَ جون ڳڙندڙ،
بوندون نہ ڀانءِ،
اهي تہ غلاميءَ جي،
ٻنڌن ۾ ٻنڌجڻ تي،
لڙڪ لاڙي رهيون آهن.
غلاميءَ جي ٻنڌنن مان،
ڪري ڏس زلفن کي آزاد،
کليل فضا ۾،
ڪيئن نہ ٿيون لهرائين،
آزادي نعمت آ،
غلامي داغ آ.



www.sindhsalamat.com

# عورت

عورت عيش عشرت جي
چيز نہ آ،
هيءَ عبادت، ويساهہ
۽ وفا جي پتلي آ.
رتُ ستُ ڏيئي،
پنهنجو جيون،
سڦل ٻانئي ٿي.
تاريخ گواهہ آهي،
الاجي جي نہ،
ڪنهن ڪنهن روپ ۾،
مون عورت جو جنم وٺي،
ڀوڳيو آ.
سورٺ ۽ ستي بڻجي،
پتيءَ جي چکيا تي چڙهي،
جيئري اگنيءَ جو،
ٻکُ بڻيس.
منهنجي مائٽن مونکي،
درياهہ منجهہ لوڙهيو،
سُسئي بڻجي،
مون سور سٺا.
اڄ عورت مرد سان،
ڪلهو ڪلهي سان ملائي،
هر کيتر ۾،
اڳيري آ.
اڄ هوءَ ڊاڪٽر،
انجنيئر،
وڪيل ۽ پائلٽ بڻجي،
آڪاش جي بُلندين کي
ڇُهي رهي آ.
ها! اڄ ٢١ صديءَ جو،
سائنسي دور آ،
اڄ جو نعرو آ،
ڌيءَ پُٽ ٻئي سمانُ،
پر! سائنس جي ترقي ٻہ،
مون لاءِ ابِيشاپ بڻي آ.
آڳہ منهنجي پيدا ٿيڻ تي،
مونکي لوڙهيو ويندو هو،
ستي ڪيو ويندو هو،
پر اڄُ!
سائنس جي ترقي
منهنجي جنس جو پتو لڳائي،
مونکي،
ڄمڻ کان اڳہ ئي،
ماريو آ.



# औरत

औरत ऐश अशरत जी
चीज़ न आ
हीअ इबादत, वेसाह
ऐं वफ़ा जी पुतिली आ।
रतु सतु ॾेई,
पंहिंजो जीवन,
सफलु भांए थी।
तवारीख़ गवाह आहे,
अलाजे न,
कंहिं कंहिं रूप में ,
मूं औरत जो जनमु वठी,
भोगि॒यो आ।
सोरठि ऐं सती बणिजी,
पतिअ जे चिखिया ते चढ़ी,
जीअरे अग्निअ जो,
बखु बणियसि,
मुंहिंजे माइटन मूंखे,
दरियाह मंझि लोढ़ियो,
ससुई बणिजी,
मूं सूर सठा।
अज॒ु औरत मर्द सां,
कुल्हो कुल्हे सां मिलाए,
हर खेत्र में,
अगि॒भरी आ।
अज॒ु हूअ डाक्टर,
इन्जिनियर,
वकील ऐं पाइलट बणिजी,
आकाश जे बुलंदियुनि खे,
छुही रही आ।
हा ! अज॒ु - सदीअ जो,
साइन्सी दौरु आ,
अज॒ु जो नारो आ,
धीअ पुटु ब॒ई समान,
पर ! साइन्स जी तरक़ी बि,
मूं लाइ अभिशाप बणी आ।
अगु मुंहिंजे पैदा थियण ते,
मूंखे लोढ़ियो वेंदो हो,
सती कयो वेंदो हो,
पर अज॒ु !
साइन्स जी तरक़ी,
मुंहिंजी जिन्स जो पतो लग॒ाए,
मूंखे,
ज॒मण खां अगु ई
मारियो आ।



www.sindhsalamat.com

# भारत माता

असीं सभु
भारत मात जा
वीर सपूत आहियूं।
छडे सभु वेर वीछा,
पंहिंजी जननीअ जे
सपनन खे
साकार बणाईंदासीं।
कंहिं दुश्मन खे,
तो डांहुं,
मेरी अखि खणी,
कीन निहारणु डींदासीं,
वर वर वठी,
नओं जनमु,
तुंहिंजी सींधि
संवारींदासीं।
असीं भारत माता,
जा वीर...



# ڀارت ماتا

اسين سڀ،
ڀارت ماتا جا،
وير سپوت آهيون.
ڇڏي سڀ وير ويڇا،
پنهنجي جننيءَ جي
سپنن کي،
ساڪار بڻائيندا سين.
ڪنهن دشمن کي،
تو ڏانهن،
ميري اک کڻي،
ڪين نهارڻ ڏيندا سين،
ور ور وٺي،
نئون جنم،
تنهنجي سينڌ،
سواريندا سين.
اسين ڀارت ماتا،
جا وير......



www.sindhsalamat.com

# विरहाङे जो दर्दु

विरहाङे जो दर्दु,
तूं छा ज़ाणीं ?
तूं पंहिंजन अबाणन पखन,
ऐं अझन जे साए में आबाद आहीं।
पुछु तिनि खां,
दर्दु विरहाङे जो,
जिनि छडि़या अझा अबाणा।
हीउ दर्दु विरहाङे जो अहिड़ो आ !
जंहिं जो साथु अंतिम सफ़र ताईं आ !!
पोइ छोन हिंदू, मुस्लिम,
सिखु ईसाई हुजे।
हर कंहिं जे अखियुनि में आबु आ,
दिल में दर्दु, अखिड़ियुन में अक्सु,
समायलु आ !
हीउ दर्द विरहाङे जो अहिड़ो आ...



# ورهاڱي جو درد

ورهاڱي جو درد،
تون ڇا ڄاڻين؟
تون پنهنجن اباڻن پکن،
۽ اجهن جي سائي ۾ آباد آهين.
پڇُ تن کان،
درد ورهاڱي جو،
جن ڇڏيا اجها اباڻا.
هيءُ درد ورهاڱي جو اهڙو آ!
جنهن جو ساٿ انتم سفر تائين آ!!
پوءِ ڇون هندو، مسلم،
سکِ عيسائي هجي.
هر ڪنهن جي اکين ۾ آب آ،
دل ۾ درد، اکڙين ۾ عڪس،
سمايل آ!
هيءُ درد ورهاڱي جو اهڙو آ...



www.sindhsalamat.com

# اوسيڙو

هيءُ پيار جا پوپٽ
نيڻن رستي دل ۾ پيهي
اکيرو اڏين ٿا،
محبت جي مکڙين کي،
سڀ ڪجهه تصور ڪندي،
اُن جي ارد گرد ڦيرا پائين ٿا.
من مندر ۾ ڦٽندڙ،
پريت جون مکڙيون،
مٺا محبوب تنهنجي ملڻ سان،
گل جيان ٽڙي پون ٿيون.
پيار جون پنکڙيون اُميدن،
برکا جون بوندون بڻجي،
بهار جي هير جي هندوري ۾،
چنچل من کي لوڏين ٿيون.
سانوڻي انڊلٺ جي رنگن جي،
ڇير پائي ڪن ٿا رقص،
هيءُ آشائن جا ديپ،
من اندر منٿن ڪن ٿا پيدا،
ڪٿي زماني جي نظر نه لڳي،
نراسائيءَ جي آنڌيءَ ۾،
هميشه هميشه لاءِ اجهامي نه وڃن،
هيءُ خوابن جي دنيا،
چاهت جو چنڊُ،
روح تي چمڪندڙ پريت جو امبر،
منهنجي پريم نگري ويران نه ڪري،
ڌرتيءَ جي آغوش ۾ آبدي ننڊ،
تنهنجي راهه ۾ اکڙيون اٽڪائي،
اوسيڙي ۾ ويٺي آهيان،
پيار ۽ پريت هرهڪ جو،
ساڀيا بڻجي ماڻي،
اهو لازم ته نه آهي.
دلبر جو ديدار، پيار ۽ پريت،
ساڀيا نه آهي ته ٻيو ڇا آهي.



# ओसीड़ो

ही प्यार जा पोपट
नेणन रस्ते दिल में पेही
आखेरो अॾीन था
मुहबत जे मुखिड़ियुन खे,
सभुकुझु तस्वरु कंदे,
उन जे इर्दि गिर्द फेरा पाईन था।
मन मंदिर में फुटंदड़,
प्रीत जूं मूखिड़ियूं,
मिठा महिबूब तुंहिंजे मिलण सां,
गुल जियां टिड़ी पवन थियूं।
प्यार जूं पंखिड़ियूं उमेदुन,
जूं बूंदूं बणिजी,
बहार जे हीर जे हिंदोरे में,
चंचल मन खे लोॾीन थियूं।
सांवणी इन्डलठि जे रंगन जी,
छेरि पाए कनि था रक़्सु,
ही आशाउन जा दीप,
मन अंदर मंथनु कनि था पैदा,
किथे ज़माने जी नज़र न लगे,
निरासाईअ जे आँधीअ में,
हमेशह हमेशह लाइ उझामी न वञन,
हीअ ख़्वाबन जी दुनिया,
चाहत जो चंडु,
रूह ते चिमकंदड़ प्रीत जो अंबरु,
मुंहिंजी प्रेम नगरी वैरान न करे,
धरतीअ जे आग़ोश में आबदी निंड,
तुंहिंजे राह में अखिड़ियूं अटिकाए,
ओसीड़े में वेठी आहियां
प्यार ऐं प्रीत हरहिक जो
साभिया बणिजी माणे,
इहो लाज़िम त न आहे।
दिल्बर जो दीदारु, प्यारु ऐं प्रीत,
साभिया न आहे त ब्रियो छा आहे।



www.sindhsalamat.com

# ڪاري ڪڪري

اُڀ ٿي ڪاري ڪڪري،
بادلن جي گهونگهٽ مان،
لڪي لڪي ٿي ليئا پائي.
ڪڏهن ڍڪي ٿي گهونگهٽ،
تہ ڪڏهن بادلن مان نڪري،
ٿي چيڙائي،
نئين ڪنوار جيان،
ٿي شرمائي.
ڪيئن نہ ڇپي ٿي ليئا پائي،
ڪڏهن ڪرائي ٿي انتظار،
ڪڏهن نئين ڪنوار جيان،
ڪري ٿي انگل آرا.
اڄ ٿي وسان نہ سُڀان ٿي وسان،
هيءَ نخريلي ڪاري ڪڪري،
لڪي لڪي ٿي ليئا پائي.



# कारी ककरी

उभ ते कारी ककरी,
बादलन जे घूंघट मां,
लिकी लिकी थी लीआ पाए।
कडहिं ढके थी घूंघटु,
त कडहिं बादलन मां निकरी,
थी चेडाए,
नईं कुंवार जियां,
थी शरमाए,
कीअं न छुपी थी लीआ पाए,
कडहिं कराए थी इन्तज़ारु,
कडहिं नईं कुंवार जियां,
करे थी अंगल आरा।
अजु थी वसां न सुभां थी वसां,
हीअ नख़रेली कारी ककरी,
लिकी लिकी थी लीआ पाए।



www.sindhsalamat.com

# سونهري سانجهه

تنهنجي جيون ۾ سجني،
سک جا سُنهري سج،
نوان روپ نوان رنگ،
سنواري اُڀرن.
آسن ۽ امُيندن جا چراغ،
تنهنجي اکڙين ۾ روشن ٿين،
نرمل نيڻن ۾.
ڪاميابين جا سهسين چنڊ،
ڪني ڪڍن.
هر مند تنهنجي دل تي،
خوشين جي،
گلن جي ورکا ڪري،
مُسرتون لبيڪ چئي،
تنهنجا گلابي چپ چُمن.
منهنجي آس اها ئي،
دل جي چاه اهائي،
جيئن شال!



# सोनहरी सिज़ु

तुंहिंजे जीवन में सजनी,
सुख जा सुन्हरी सिज,
नवां रूप नवां रंग,
संवारे उभिरन।
आसुन ऐं उमेदुन जा चिराग़,
तुंहिंजे अखिड़ियुनि में रोशन थियन,
निर्मल नेणन में,
कामयाबियुनि जा सहसें चंड,
कनी कढन।
हर मुंद तुंहिंजे दिल ते,
ख़ुशियुनि जी,
गुलन जी वरखा करे,
मुसरतूं लबेक चई,
तुंहिंजा गुलाबी चप चुमन।
मुंहिंजी आस इहा ई,
जीअन शाल !



www.sindhsalamat.com

# سنڌوءَ ڪناري

عرش تان،
فرش تي،
لهي آئي آ،
هيءَ چنچل،
شوخ ادائن واري،
نيريءَ ساڙهيءَ ۾،
مبلوث.
ڪڏهن سرد،
شيتل جل جي گگري،
پيار ۽ سينهه سان ڀريل،
تہ ڪڏهن ڪروڻا ۽
ماءُ جي ممتا سان ڀريل.
هيءَ منهنجي،
سنڌو ماتا آ.
ڪشمير کي جنهن،
گوُد ۾ سمايو آ،
سنڌوءَ کي جنهن،
سيني سان،
سانڍيو آ.
هيءَ منهنجي،
سنڌو ڌارا آ،
هيءَ منهنجي،
جيجل سنڌو آ.
توکي ڇهڻ سان،
منهنجي سيني ۾،
ڪيئي اڌما پيدا ٿيا،
جن مون کي،
منهنجي وڏڙن جي،
ياد ڏياري آ.
تنهنجي ڪناري تي،
دنيا جي،
بي مثل تهذيب.
جنم ورتو آ.
هيءَ منهنجي سنڌو ڌارا آ،
هيءَ منهنجي جيجل سنڌو آ.



# सिंधूअ किनारे

अर्श तां,
फ़र्श ते,
लही आई आ,
हीअ चंचल,
शोख़ अदाउन वारी,
नीरीअ साढ़ीअ में,
मबलूस।
कड़हिं सर्द,
शीतल जल जी गगरी,
प्यार ऐं स्नेह सां भरियल,
त कड़हिं करूणा ऐं
माउ जे ममता सां भरियल।
हीअ मुंहिंजी,
सिंधू माता आ।
कश्मीर खे जंहिं,
गोदि में समायो आ,
सिंधूअ खे जंहिं,
सीने सां,
सांढियो आ।
हीअ मुंहिंजी,
सिंधू धारा आ,
हीअ मुंहिंजी,
जीजल सिंधू आ।
तोखे छुहण सां,
मुंहिंजे सीने में,
केई उधिमा पैदा थिया,
जिनि मूंखे,
मुंहिंजे वडड़न जी,
यादि ड्टियारी आ।
तुंहिंजे किनारे ते,
दुनिया जी,
बेमिसल तहज़ीब,
जनमु वरितो आ।
हीअ मुंहिंजी सिंधू धारा आ,
हीअ मुंहिंजी जीजल सिंधू आ।



www.sindhsalamat.com

# सुबुहु

राति कारी,
ॿाट ऊंदाही आ,
त बि लाथी,
न उमेद आ।
सुबुहु थींदो अवसि,
अवसि थींदो सुबुहु।
वक़्तु,
वारो ॾींदो आख़िर,
दूरि थींदा,
समूरा दुखड़ा।
सुबुहु थींदो अवसि,
अवसि थींदो सुबुहु।



# صباح

رات ڪاري،
ٻاٽ اونداهي آ،
تہ بہ لاٿي،
نہ اُميد آ.
صبح ٿيندو اوس،
اوس ٿيندو صبح،
وقت،
وارو ڏيندو آخر،
دور ٿيندا،
سمورا دکڙا، دکڙا،
صبح ٿيندو اوس،
اوس ٿيندو صبح.



www.sindhsalamat.com

# حوصلو

باغ جي سُونهن گلن سان،
پکي جي سُونهن پرن سان،
منزل پائڻ لاءِ،
پکيءَ پرڙا پساري،
اُڏام ڀري ٿو.
منزل ڪيتري ٻہ،
دُور مشڪلاتن،
ڀريل هجي.
منزل پائڻ لاءِ،
بلند پرواز ڀرڻ لاءِ،
پکي پنهنجا پرڙا،
پساري ٿو.
منزل جي تلاش ۾،
ايترو ڏُور،
اونچائيءَ تي پهچي ٿو،
جو سج جي تپش،
پکيءَ جا پر تہ،
ساڙي سگهي ٿي،
پر سج جي اها تپش،
صرف ۽ صرف،
پرساڙيندي،
حوصلا پست نہ ڪندي.
منزل پائڻ لاءِ،
اڏام ڀرڻ سان گڏ،
حوصلي جي،
ضرورت هوندي آهي.
زندگيءَ جي رفتار ۾،
اڳتي ۽ اڳتي وڌڻ ،
جو حوصلو ئي،
منزل پائڻ جو،
پيغام آ.



# हौसलो

बाग़जी सूंहं गुलन सां,
पखीअ जी सूंहं परन सां,
मंज़िल पाइण लाइ,
पखी परड़ा पसारे,
उडा॒म भरे थो।
मंज़िल केतरी बि,
दूरि मुश्किलातुन,
भरियल हुजे।
मंज़िल पाइण लाइ,
बुलंद परवाज़ भरण लाइ,
पखी पंहिंजा परड़ा,
पसारे थो।
मंज़िल जे तलाश में,
एतरो डू॒रि,
ऊँचाईअ ते पहुचे थो,
जो सिज जी तपश,
पखीअ जा पर त,
साड़े सघे थी,
पर सिज जी इहा तपश,
सिर्फ़ ऐं सिर्फ़,
पर साड़ींदी,
हौसला पस्त न कंदी।
मंज़िल पाइण लाइ,
उडा॒म भरण सां गडु॒,
हौसले जी,
ज़रूरत हूंदी आहे।
ज़िंदगीअ जे रफ़्तार में,
अगि॒ते ऐं अगि॒ते वधण,
जो हौसलो ई,
मंज़िल पाइण जो,
पैग़ाम आ।



www.sindhsalamat.com

# محفل جو مور

هڪ ڏهاڙي،
هڪ اديب،
ادبي نقاد،
کان پڇيو،
سائين توهان،
منهنجو نئون ڪتاب پڙهيو؟
ان جي چوطرف ،
واهه! واهه! ٿي رهي آ.
ان تي نقاد چيو،
ڇڏ به يار،
ايتري فرصت ڪٿي آ،
جن ڪتابن تي ،
تنقيد ۽
ادبي رايا،
ڏيڻا هوندا آهن.
مونکي ته
انهن کي به،
پڙهڻ جو وقت،
ڪونه ملندو آ.
اڄ جي ادبي ماحول جو،
رنگ ۽ ڍنگ به،
نرالو آ.
مون عهد ڪيو آهي،
ته مان،
ادب ڪونه پڙهندس،
صرف ۽ صرف،
نقاد جو ،
ڪردار ادا ڪندس.
جو مشاعرن ۽
ڪوي سميلن جا،
دعوت ناما دل تي ايندا.
۽ مان،
ڪجهه به نه ڪندس،
محفل جو مور،
بڻيو رهندس.



# महिफ़िल जो मोरु

हिक ड्डिहाड़े,
हिक अदीब,
अदबी नक़ाद,
खां पुछियो,
साईं तव्हां
मुंहिंजो नओं किताबु पढ़ियो?
उन जी चौतरफ़,
वाह वाह थी रही आ।
उन ते नक़ाद चयो,
छड्डि बि यार,
एतरी फ़ुर्सत किथे आ,
जिनि किताबन ते,
तन्क़ीद ऐं
अदबी राया,
ड्डियणा हूंदा आहिन।
मूंखे त
उन्हन खे बि,
पढ़ण जो वक़्तु,
कोन मिलंदो आ।
अज्जु जे अदबी माहोल जो,
रंगु ऐं ढंगु बि,
निरालो आ।
मूं उहिदु कयो आहे,
त मां,
अदबु कोन पढ़ंदुसु,
सिर्फ़ ऐं सिर्फ़,
नक़ाद जो,
किरदारु अदा कंदुसु।
जो मुशाइरन ऐं,
कवि समेलन जा,
दावतनामा दिल ते ईंदा।
ऐं मां,
कुझु बि न कंदुसु,
महिफ़िल जो मोरु,
बणियो रहंदुसु।



www.sindhsalamat.com

# रीसाड़ो गिदड़ु

मां पंहिंजी ई धुनि में,
मंज़िल तरफ़ वधी रही हुयसि,
मंज़िल इझो मुंहिंजे क़रीब हुई,
ओचितो शोरु थियो,
घमासान गोड़ु थियो।
मूं उन भीड़ खां पुछियो,
छो ! छा थियो ?
छा मींहुं या कोई वाचूड़ो आ?
भीड़ हिक ई वाके में चयो,
न मींहुं न वाचूड़ो आ,
हीउ त इन्सान जे रूप में,
रीसाड़ो गिदड़ु आ।
मूं हैरान थी पुछियो,
इन्सान जे रूप में,
छा ! इन्सान जे रूप में,
रीसाड़ो गिदड़ु पियो अचे।
भीड़ वरी हिक साहीअ में चयो,
हा हा इन्सान जे रूप में,
रीसाड़ो गिदड़ु
मां बि डुकी वियसि,
भीड़ सां गडु डुकण लगुसि,
मूं डुकंदे सहकंदे पुछियो।

हीउ रीसाड़ो गिदड़ु,
कहिड़ी थो रीस करे,
भीड़ चयो,
अदब जो नक़ुलु,
उन्वान जो नक़ुलु,
हर शइ जो नक़ुलु,
हुन जी ख़ासियत आ।
मूं पुठिते वराए डिठो,
ही छा ! मां पंहिंजीअ मंज़िल जे,
क़रीब पहुची बि एतरो परे आहियां,
मूं भीड़ खे मुख़ातिब थींदे चयो।
काबर कांव न बणिजो,
धिके कढो धिके कढो,
इन्सान जे रूप में,
हिन रीसाड़े गिदड़ खे।
भीड़ यक्मुश्तथी चयो,
हा हा धिके कढो धिके कढो,
हिन रीसाड़े गिदड़ खे।



# ريساڙو گدڙ

مان پنهنجي ئي ڌُن ۾،
منزل طرف وڌي رهي هيُس،
منزل اِجهو منهنجي قريب هئي،
اوچتو شور ٿِيو،
گهماسان گوڙ ٿيو.
مؤن اُن ڀيڙ کان پڇيو،
ڇو! ڇا ٿيو؟
ڇا مينهن، يا ڪوئي، واچوُڙو آ؟
ڀيڙ هِڪ ئي واڪي ۾ چيو،
نہ مينهن نہ واچوڙو آ،
هيءُ تہ انسان جي روپ ۾،
ريساڙو گدڙ آ.
مؤن حيران ٿي پُڇيو،
ڇا! اِنسان جي روپ ۾،
ريساڙو گدڙ پيو اچي.
ڀيڙ وري هِڪ ساهيءَ ۾ چيو،
ها ها انسان جي روپ ۾،
ريساڙو گدڙ.
مان بہ ڏڪي ويس،
ڀيڙ سان گڏ ڊُڪڻ لڳس،
مون تہ ڊُڪندي سهڪندي پُڇيو.
هيءُ ريساڙو گدڙ.

کهڙي ٿو ريس ڪري،
ڀيڙ چيو،
ادب جو نقَلُ،
عنوان جو نقل،
هر شيءِ جو نقلُ،
هن جي خاصيت آ.
مؤن پٺتي ورائي ڏٺو،
هيءُ ڇا! مان پنهنجيءَ منزل جي،
قريب پهچي بہ ايترو پري آهيان،
مؤن ڀيڙ کي مخاطب ٿيندي چيو.
ڪاير ڪانو نہ بڻجو،
ڌڪي ڪڍو ڌڪي ڪڍو،
انسان جي روپ ۾،
هن ريساڙي گدڙ کي.
ڀيڙ يڪمشت ٿي چيو،
ها ها ڌڪي ڪڍو ڌڪي ڪڍو،
هن ريساڙي گدڙ کي.



www.sindhsalamat.com

# خواب ۽ تعبير

جيئن جيئن مان،
وڏي ٿيندي ويس،
مون سان گڏ منهنجا،
خواب بہ وڏا ٿيندا ويا.
هر خواب جي تعبير ڄاڻڻ جي،
منهنجي خواهش وڌندي وئي،
انهن خوابن منهنجن،
آرزن ۽ اُمنگن کي وڌايو.
هر خواب ٿيندو پورو،
ائين سوچيو هيم،
مگر صبح ٿيندي ئي،
خواب، خواب ئي رهندو آ.
شايد خواب ۽ تعبير ۾،
جيڪو فاصلو آهي،
اُهو ئي فاصلو
منهنجن آرزن جي،
تڪميل ۾ رهيو آ.



# ख़्वाब ऐं ताबीर

जीअं जीअं मां,
वडी थींदी वियसि,
मू सां गडु मुंहिंजा,
ख़्वाब बि वडा थींदा विया।
हर ख़्वाब में ताबीर ज़ाणण जी,
मुंहिंजी ख़्वाहिश वधंदी वई,
उन्हन ख़्वाबन मुंहिंजन,
आर्ज़ुन ऐं उमेदुन खे वधायो।
हरु ख़्वाबु थींदो पूरो,
इएं सोचियो हुयुम,
मगर सुबुहु थींदे ई,
ख़्वाबु ख़्वाबु ई रहंदो आ,
शायद ख़्वाब ऐं ताबीर में,
जेको फ़ासिलो आहे,
उहो ई फ़ासिलो,
मुंहिंजियुन आर्ज़ुन जे,
तकमियल में रहियो आ।



www.sindhsalamat.com